ABC Certified
REG NO. 3833
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 07 مارچ 2024 ع بمطابق 25 شعبان المعظم 1445 ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو: 282

ذوالفقار علي ڀٽو ريفرنس تي عدالتي راءِ تاريخي آهي، تاريخ صحيح ٿي رهي آهي: بلاول ڀٽو

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ججن ۽ وڪيلن جا ٿورا مڃيا، ان فيصلي ڪانپوءِ مون کي اميد آهي ته نظام سڌي دڳ تي هلڻ شروع ٿي ويندو: پيپلز پارٽي جو چيئرمين

اڄ سپريم ڪورٽ هڪ تاريخي فيصلو ٻڌايو آهي، آصف زرداري طرفان اماڻيل ريفرنس ۾ عدالت اهو مڃيو آهي ته اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي شفاف ٽرائل جو موقعو نه مليو

عدالت چيو آهي ته ماضي جي غلطين کي صحيح ڪرڻ جي لاءِ فيصلو ٻڌائي رهيا آهيون، اڄ هڪ تاريخي قدم کنيو ويو آهي، 44 سالن کان پوءِ تاريخ صحيح ٿي رهي آهي

انهي فيصلي سان پاڪستان اڳيان ويندو ۽ ترقي ڪندو، ڀٽو کي ڦاهي جو ڏيڻ جو فيصلو هڪ اهڙو داغ هو جنهن جي ڪري عوام سمجهندي هئي ته انصاف ملڻ مشڪل ٿي ويو آهي

هاڻ اسان تفصيلي فيصلي جي انتظار ۾ آهيون. تفصيلي فيصلو اچڻ کان پوءِ اسان وڪيلن سان مشاورت ڪنداسين ان کان پوءِ مان تفصيل سان ڳالهائي سگهندس

سپريم ڪورٽ جي هن راءِ کان پوءِ پاڪستان جو جمهوري ۽ عدالتي نظام ترقي ڪندو، ڀٽو کي موت جي سزا ڏيڻ جو فيصلو عدالت جي لاءِ به هڪ داغ هو: سپريم ڪورٽ ٻاهران ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو ذوالفقار علي ڀٽو صدارتي ريفرنس تي سپريم ڪورٽ جي راءِ کي تاريخي قدم قرار ڏيندي چيو آهي ته 44 سالن کان پوءِ تاريخ صحيح ٿي رهي آهي. صدارتي ريفرنس تي سپريم ڪورٽ جي راءِ سامهون اچڻ کان پوءِ عدالت جي ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اڄ سپريم ڪورٽ هڪ تاريخي فيصلو ٻڌايو آهي، آصف زرداري طرفان اماڻيل ريفرنس ۾ عدالت اهو مڃيو آهي ته اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي شفاف ٽرائل جو موقعو نه مليو پ پ چيئرمين چيو ته عدالت چيو آهي ته ماضي جي غلطين کي صحيح ڪرڻ جي لاءِ فيصلو ٻڌائي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام اباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي

وزيراعظم خيبرپختونخواهه ۾ تازي
طوفاني برساتن ۽ برفباري جي متاثرين ۾
معاوضي جا چيڪ ورهايا

پشاور (م ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف خيبرپختونخواهه ۾ تازي طوفاني برساتن ۽ برفباري جي متاثرين ۾ معاوضي جا چيڪ ورهايا. وزيراعظم وفاقي حڪومت پاران ضم ٿيل قبائلي ضلعن سميت خيبرپختونخواهه جي مختلف ضلعن ۾ تازي طوفاني برساتن ۽ برفباري سبب فوت ٿيندڙن جي وارثن ۾ 20 لک رپيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ذوالفقار علي ڀٽو کي شفاف ٽرائل جو موقعو نه مليو: سپريم ڪورٽ صدارتي ريفرنس تي راءِ ڏئي ڇڏي

آرٽيڪل 186 تحت ڪنهن به عوامي مفاد بابت قانوني سوال تي صدارتي ريفرنس تي راءِ ڏيڻي هوندي آهي، اسان جي آڏو سوال هو ته ڇا اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي شفاف ٽرائل جو حق مليو؟

سوال هو ته ڀٽو ٽرائل دوران ڊيو پراسس ۽ فيئر ٽرائل جون گهرجون پوريون ڪيون ويون؟ ذوالفقار علي ڀٽو جي سزا جو فيصلو تبديل ڪرڻ جو ڪو به قانوني طريقيڪار موجود ناهي

عدليا جو ڪم انصاف فراهم ڪرڻ آهي، تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي ڪيس آهن جن ۾ درست فيصلا نه ڪيا ويا. ماضي جي غلطين کي درست ڪرڻ کانسواءِ درست رخ ۾ نٿو وڃي سگهجي

ملڪ جي وڏن قانوني ماهرن جي مدد سان عدالت پنهنجي مختصر راءِ ڏئي رهي آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ ڪارروائي آئين ۾ ڏنل بنيادي حقن آرٽيڪل 4، 109 اي موجب نه هئي

عدالت فيئر ٽرائل نه ٿيڻ بابت وڏين آئيني ۽ قانوني خامين جي تفصيلي سبب جي نشاندهي ڪندي، اسلامي تناظر ۾ ڀٽو ٽرائل جو جائزو وٺڻ واري سوال تي عدالت کي مدد فراهم نه ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل بابت صدارتي ريفرنس تي پنهنجي مختصر راءِ جاري ڪري ڇڏي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ نوَ رڪني لارجر بئنچ ڀٽو صدارتي ريفرنس بابت داخل درخواست جي ٻڌڻي دوران پيپلز پارٽي جي وڪيلن، احمد رضا قصوري ۽ عدالتي مددگارن جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ راءِ محفوظ ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پشاور هاءِ ڪورٽ مخصوص سيٽن تي ميمبرن کي حلف کڻڻ کان روڪي ڇڏيو

نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي، اسان چاهيون ٿا ته جن کي سيٽون ڏنيون ويون آهن اهي حلف نه کڻن: پي ٽي آءِ جو وڪيل

اوهان اهو چاهيو ٿا ته انهن کي حلف کڻڻ کان روڪيو وڃي، اسان انهي معاملي جو جائزو وٺنداسين پوءِ ڪو آرڊر جاري ڪنداسين: عدالت

ڇا هن عدالت وٽ فيصلو معطل ڪرڻ جو اختيار آهي؟ ڇا مخصوص سيٽن لاءِ پشاور هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪري سگهجي ٿو؟

پشاور (م ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ سني اتحاد ڪائونسل جي درخواست تي خيبرپختونخواهه جي مخصوص سيٽن تي چونڊيل ميمبرن کي حلف کڻڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ سني اتحاد ڪائونسل جي مخصوص سيٽن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

وزيراعظم شهباز شريف پاران ڀٽو صدارتي ريفرنس تي عدالتي راءِ جي آجيان، پ پ قيادت کي مبارڪباد

تاريخي غلطي جو ازالو ممڪن ناهي، سنگين غلطي جي اعتراف سان هڪ نئين تاريخ ۽ هڪ نئين روايت قائم ٿي آهي: وزيراعظم

عدالت کان ٿيندڙ زيادتي کي عدالت جو درست ڪرڻ هاڪاري اڳڀرائي آهي، سپريم ڪورٽ جي راءِ تاريخ کي درست نظر ۾ سمجهڻ ۾ مددگار هوندي

ماضي جي غلطين جي درستگي، اختلافن جي خاتمي سان قومي اتحاد ۽ ترقي جو عمل تيز ٿي سگهي ٿو

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف ڀٽو صدارتي ريفرنس تي سپريم ڪورٽ جي راءِ تي آصف زرداري ۽ بلاول ڀٽو سميت پ پ قيادت کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اليڪشن ڪميشن پاران نواز ليگ
کان عورتن جي مخصوص سيٽن لاءِ
ترجيحي لسٽ طلب

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) قومي اسيمبلي لاءِ پنجاب مان عورتن جي مخصوص سيٽن لاءِ مسلم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان آرمي چيف جنرل عاصم منير ملاقات ڪندي

وزيراعظم پشاور پهتو، صوبي جي برسات متاثرن لاءِ امداد جو اعلان

وزيراعظم شهباز شريف مختلف حادثن ۾ زخمي ٿيندڙن لاءِ 5_5 لک رپيا امداد جو اعلان ڪيو

طوفاني برساتن سان صوبي ۾ وڏي تباهي ٿي، صوبائي حڪومت سان گڏجي جيڪو ٿي سگهيو اهو ڪنداسين: وزيراعظم

پشاور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف خيبر پختونخواهه ۾ طوفاني برساتن سان فوت ٿيندڙن جي وارثن لاءِ 20_20 لک رپيا مالي امداد جو اعلان ڪري ڇڏيو وزيراعظم شهباز شريف مختلف حادثن ۾ زخمي ٿيندڙن لاءِ 5_5 لک رپيا امداد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ميئر ڪراچي جي سي اي او واٽر ڪارپوريشن سان گڏ ورلڊ بينڪ گلوبل جي ڊائريڪٽر سان ملاقات

ملاقات ۾ ڪراچي ۾ پاڻي ۽ نيڪال جي شعبي ۾ گڏيل تعاون جي شعبن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سي اي او واٽر ڪارپوريشن پاران وفد کي واٽر ڪارپوريشن جي آپريشنز ۽ موثر سروس ڊليوري جي حڪمت عملي بابت آگاهي ڏني وئي

عالمي بئنڪ جي وفد موثر خدمتون فراهم ڪرڻ لاءِ جاري منصوبن لاءِ پنهنجي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد سان گڏ ورلڊ بينڪ گلوبل جي ڊائريڪٽر سروج ڪمار جها سان چيئرمين سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ ملاقات ڪندي ڪراچي ۾ پاڻي ۽ نيڪال جي شعبي ۾ گڏيل تعاون جي شعبن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. وفد ۾ ورلڊ بئنڪ جو ڪنٽري ڊائريڪٽر ناجي بينهسن، وانسن جي سينيئر ماهر خيري الجمال، پريڪٽس مئنيجر جوسز موگابي ۽ ٻيا شامل هئا. ملاقات دوران سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان، پي ڊي ڪي ڊبليو ايس ايس آئي پي عثمان معظم، ڊي ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب اجلاس جي صدارت ڪندي

ڏوڪري: جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، 4 ڄڻا مارجي ويا

ڳوٺ امام بخش جمالي ۾ زمين جي پراڻي تڪرار تان جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڏوڪري اسپتال منتقل ڪيا

جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻو زميني تڪرار هلندڙ هو جنهن جي نتيجي ۾ واقعو پيش آيو آهي: پوليس

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري تعلقي جي ڪچي واري علائقي ڳوٺ امام بخش جمالي ۾ زمين جي پراڻي تڪرار تان جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو، جنهن دوران ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا جنهن جي نتيجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

مون لاءِ قانون ۾ خاص رعايت ملڻ شرم جوڳي آهي: چيف جسٽس

پابندي پيل هٿيارن جا لائسنس رکڻ جي ڪيٽيگري ۾ منهنجو نالو بنا اجازت جي شامل ڪيو ويو

مون لاءِ قانون ۾ خاص رعايت ملڻ شرم جوڳي آهي، ٿي سگهي ٿو ته ان معاملي ۾ عدالتي مددگار مقرر ڪيون

اسلام آباد (م ڊ) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو آهي ته مون لاءِ قانون ۾ خاص رعايت ملڻ شرم جوڳي آهي. سپريم ڪورٽ ۾ 3 رڪني بئنچ پابندي پيل هٿيارن خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت ايندڙ ٻڌائي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

جنوري ۾ ڊالر جو اگهه ڪرڻ سان حڪومتي قرض 346 ارب رپيا گهٽجي ويو

ڊسمبر جي ڀيٽ ۾ جنوري ۾ ڊالر جو اگهه 2 رپيا 30 پئسا گهٽ ٿيو : اسٽيٽ بينڪ

جنوري جي پڄاڻي تي حڪومت جو مجموعي قرض 64 هزار 842 ارب رپيا رهيو

حڪومت جي مقامي قرض ۾ 38 ارب رپين جي واڌ ٿي، ٻاهريون قرض 384 ارب رپيا گهٽيو

ڪراچي (م ڊ) جنوري ۾ ڊالر جو اگهه ڪرڻ سان حڪومتي قرض 346 ارب رپيا گهٽجي ويو. اسٽيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سعودي عرب ۾ قتل ۽ ڌاڙن
۾ ملوث 5 پاڪستانين کي
موت جي سزا

رياض (ويب ڊيسڪ) سعودي عرب ۾ قتل ۽ ڌاڙن ۾ ملوث 5 پاڪستانين کي موت جي سزا ٻڌائي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان ميانمار لاءِ نامزد ملڪي سفير ملاقات ڪندي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو

سنڌ ۾ ٻوڏ متاثر هارين کي ٽرڊ فيز ۾ سبسڊي جي رقم جاري

هڪ لک 68 هزار هارين کي يوريا ڀاڻ تي 10.17 ارب رپين جي سبسڊي جاري

متاثر هاري سبسڊي جي رقم بئنڪ اڪائونٽ يا موبائل فون ذريعي وصول ڪري سگهن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ ٻوڏ متاثر هارين کي ٽرڊ فيز ۾ سبسڊي جي رقم جاري ڪئي وئي. سنڌ حڪومت هڪ لک 68 هزار هارين کي يوريا ڀاڻ تي 10.17 ارب رپين جي سبسڊي جاري ڪري ڇڏي، جنهن تحت ساڍا 12 ايڪڙ تائين زمين جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ايم ڪيو ايم آصف زرداري جي حمايت تي راضپو ڏيکاري ڇڏيو

رابطا ڪميٽي جي اجلاس ۾ آصف علي زرداري جي خالد مقبول صديقي سان ٿيندڙ رابطي تي خيالن جي ڏي وٺ

پ پ ايم ڪيو ايم کي آئيني ترميم تي مڪمل تعاون جو مثبت يقين ڏياريو آهي: رابطا ڪميٽي جي دعوي

ڪراچي (رپورٽر) مسلم ليگ(ن) جي ايم ڪيو ايم ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي کي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪامياب ٿي وئي اربع تي رابطا ڪميٽي جي اجلاس ۾ پ پ جي اهم ترين اڳواڻ ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جي ايم ڪيو ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

رمضان جو چنڊ ڏسڻ لاءِ رويت هلال ڪميٽي جو اجلاس 11 مارچ تي طلب

اجلاس جي صدارت ڪميٽي جو چيئرمين سيد عبدالخبير آزاد ڪندو

گهڻن اسلامي ملڪن ۾ رمضان جي شروعات 12 مارچ تي ٿيڻ جي اميد آهي: ماهر

اسلام آباد (م ڊ) رمضان المبارڪ جو چنڊ ڏسڻ لاءِ مرڪزي رويت هلال ڪميٽي جو اجلاس طلب ڪيو ويو آهي. مرڪزي رويت هلال ڪميٽي جو اجلاس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

هاڻوڪين چونڊن ۾ شفافيت گذريل ٻن چونڊن کان گهٽ رهي: پلڊاٽ

چونڊن ۾ مجموعي طور تي شفافيت جو اسڪور 49 سيڪڙو رهيو

2018 جي چونڊن جي حاصل ڪيل اسڪور کان 3 سيڪڙو پوائنٽون گهٽ آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ليجسليٽو ڊولپمينٽ اينڊ ٽرانسپيرنسي (پلڊاٽ) پنهنجي جائزي رپورٽ ۾ چيو آهي ته 2024 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ هاءِ ڪورٽ جو پي ٽي اي چيئرمين خلاف توهين عدالت ڪارروائي جو اشارو

ايڪس جي بندش جو اثرائتو جواز پيش نه ڪيو ته ڪارروائي ٿيندي: سنڌ هاءِ ڪورٽ

سنڌ هاءِ ڪورٽ ايڪس جي بحالي بابت جاري منع نامي ۾ واڌ ڪري ڇڏي

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سوشل ميڊيا ايپ ايڪس جي بندش جي ڪيس ۾ پي ٽي اي چيئرمين کي توهين عدالت جي درخواست تي نوٽيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

قمبر ۾ چيف جسٽس آڏو سسئي لوهار جو احتجاج، انصاف جي گهر

منهنجي والد هدايت لوهار جي قتل کي 20 ڏينهن گذري چڪا آهن: سسئي لوهار

جوابدار ڪيترا به بااثر ڇو نه هجن انهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ بيهاربو: چيف جسٽس

قمبر (رپورٽر) قمبر ۾ چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي ميمبرز کي حلف کڻائڻ دوران سسئي لوهار کي اسٽيج تي سڏائي ورتو. چيف جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

گرفتاري وارنٽ معطل ڪرڻ لاءِ حسن ۽ حسين نواز جي درخواست داخل

احتساب عدالت جي جج ناصر جاويد راڻا توشه خانا گاڏين بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

ڄاڃ آفيسر کي نوٽيس جاري ڪيا وڃن، جوابدار ڪير آهن؟ حاضري ڀري : جج

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) اسلام آباد جي احتساب عدالت ۾ 3 ريفرنسز ۾ اڳوڻي وزيراعظم ميان نواز شريف جي پٽن حسن نواز ۽ حسين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسی کے ساز سے ہے زندگی کا سوز دروں
Happy
INTERNATIONAL
Women's Day
Behbud
Behbud Association of Pakistan
راولپنڊي: بيگم ثمينا عارف علوي تقريب کي خطاب ڪندي

ڊار پرڏيهي، خواجا آصف دفاع ۽ محمد اورنگزيب کي ناڻو کاتو ملڻ جو امڪان

وزيراعظم ڪابينا جي جوڙجڪ لاءِ ويجهن ساٿين سان مشاورت مڪمل ڪري ورتي

احسن اقبال کي رٿابندي ۽ ترقي ۽ نجڪاري واري وزارتن جو قلمدان ڏيڻ جو امڪان

اسلام آباد(م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف وفاقي ڪابينا جي جوڙجڪ لاءِ ويجهن ساٿين سان مشاورت مڪمل ڪري ورتي آهي. ذريعن موجب محمد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پشاور ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ڪدڙو فقير قتل

دلزاڪ روڊ تي نجي پلازا ۾ اڻڄاتل جوابدارن فائرنگ ڪئي، 3 ڪدڙا فقير زخمي ٿيا

ڪدڙو فقير عمر نواب عرف عاصمه شاهه زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو

پشاور (م ڊ) پشاور ۾ اڻڄاتل ماڻهن جي فائرنگ ۾ ڪدڙو فقير مارجي ويو. پوليس موجب دلزاڪ روڊ تي نجي پلازا ۾ اڻڄاتل جوابدارن فائرنگ ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

9 مئي واقعن ۾ ملوث جوابدارن کي سخت سزا ملڻ گهرجي: عمران خان

9 مئي واقعن تي ڪميشن ٺهڻ گهرجي ۽ سي سي ٽي وي وڊيوز ڪڍيون وڃن، اسان فوج خلاف ناهيون، نه ٽڪرائڻ چاهيون ٿا

اليڪشن ڪميشن اسان جون مخصوص سيٽون کسي جمهوريت جا بخيا اڊيري ڇڏيا، چونڊن ۾ ڌانڌلي اليڪشن ڪميشن ڪئي

آءِ ايم ايف کي خط ان ڪري لکيو ڇو ته سياسي استحڪام بنا معاشي استحڪام ممڪن ناهي: اڊيالا جيل ۾ صحافين سان ڳالهيون

راولپنڊي (م ڊ) تحريڪ انصاف باني عمران خان چيو آهي ته مان ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس جي پڌرائيءَ جي حمايت ڪيان ٿو 9 مئي واقعن ۾ ملوث جوابدارن کي سخت سزا ملڻ گهرجي. اڊيالا جيل ۾ صحافين سان غير رسمي گفتگو ڪندي عمران خان چيو ته 9 مئي واقعن تي ڪميشن ٺهڻ گهرجي ۽ سي سي ٽي وي وڊيوز ڪڍيون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

لوڊشيڊنگ، جيڪي بل ڀرين ٿا انهن جو ڪهڙو ڏوهه؟ سنڌ هاءِ ڪورٽ

لوڊشيڊنگ حڪومتي پاليسي موجب ٿي رهي آهي: ڪي اليڪٽرڪ جو وڪيل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ تي ڪي اليڪٽرڪ کي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. جسٽس صلاح الدين پنهور جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ جي روبرو اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ بابت درخواست/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ ۾ سيڙپڪاري، وڏي وزير سان اماراتي قونصل جنرل ۽ ورلڊ بينڪ وفد جي ملاقات

يو اي اي جي قونصل جنرل سان ملاقات ۾ گڏيل عرب امارتن جي سنڌ ۾ سيڙپڪاري تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

ڪراچي واٽر ڪارپوريشن کي بهتر انداز ۾ هلائڻو پوندو ته جيئن اهو پنهنجا خرچ پورا ڪري سگهي: ورلڊ بينڪ سان اتفاق

ورلڊ بينڪ جي مشاورت تي واٽر بورڊ ۾ سڌارا آندا ويندا، واٽر ڪارپوريشن کي هڪ اثرائتو ۽ بهترين ادارو بڻائڻ تي ڪم ڪري رهيا آهيون

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان ورلڊ بينڪ جو وفد ملاقات ڪندي

ڪراچي (م ڊ) گڏيل عرب امارتن جي قونصل جنرل بخيت عتيق الرميثي ۽ ورلڊ بينڪ واٽر گلوبل ڊائريڪٽر سوروج ڪمار سنڌ جي وڏي وزير سيد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

مريم اورنگزيب کي پنجاب جي
وڏي وزير مريم نواز جو خاص
مددگار مقرر ڪيو ويو

لاهور (م ڊ) مريم اورنگزيب کي پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز جو خاص مددگار مقرر ڪيو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ٺٽو: حجامڙو ڪريڪ وٽ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ وارو واقعو، 14 مهاڻا گم ٿيڻ جو انڪشاف

گذريل ڏينهن انتظاميا ۽ مقامي ماڻهن پاران سمورن مهاڻن کي ريسڪيو ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي هئي

ٽيل 14 مهاڻن جي وارثن ميري ٽائيم ۽ انتظاميا کي گم ٿيل مهاڻن جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪري ڇڏي

ڪالهه اسان کي موٽي آيل ماهيگيرن گمراهه ڪيو ته سڀ ماهيگير زنده واپس اچي چڪا آهن: وارث

ميرپورساڪرو(رپورٽر) ڪيٽي بندر پرسان حجامڙو ڪريڪ وٽ مهاڻن جي ٻيڙي اونڌي ٿيڻ بعد 14 مهاڻن جي گم ٿيڻ جو انڪشاف سامهون اچي ويو آهي. گذريل ڏينهن انتظاميا ۽ مقامي ماڻهن پاران سمورن مهاڻن کي ريسڪيو ڪرڻ جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پنجاب جي 18 رڪني ڪابينا حلف کڻي ورتو

پنجاب جي گورنر بليغ الرحمان گورنر هائوس لاهور ۾ رٿيل تقريب ۾ پنجاب ڪابينا جي ميمبرن کان حلف ورتو

حلف کڻندڙن ۾ مريم اورنگزيب، عظميٰ بخاري، عاشق حسين ڪرماڻي، بلال ياسين، مجتبيٰ شجاع الرحمان ۽ سهيل شوڪت بٽ شامل

سلمان رفيق، خواجا عمران نذير، ذيشان رفيق، ملڪ صهيب احمد، شير علي گورچاڻي، رميش سنگهه ۽ خليل طاهر سنڌو به حلف کنيو

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز پريس ڪانفرنس ڪندي

لاهور (م ڊ) لاهور ۾ پنجاب جي 18 رڪني ڪابينا حلف کڻي ورتو. پنجاب جي گورنر بليغ الرحمان گورنر هائوس لاهور ۾ رٿيل تقريب ۾ پنجاب ڪابينا جي ميمبرن کان حلف ورتو. ان موقعي تي وزيراعليٰ مريم نواز به موجود هئي. حلف کڻندڙن ۾ مريم اورنگزيب، عظميٰ بخاري، عاشق حسين ڪرماڻي، بلال ياسين، مجتبيٰ شجاع الرحمان، سهيل شوڪت بٽ، سلمان رفيق، خواجا عمران نذير، ذيشان رفيق، ملڪ صهيب احمد، شير علي گورچاڻي، رميش سنگهه ۽ خليل طاهر سنڌو شامل آهن گورنر هائوس لاهور ۾ رٿيل تقريب ۾ پنجاب ڪابينا جي ميمبرن کان حلف ورتو. ان موقعي تي وزيراعليٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: قرضين کان تنگ اچي ٻه شاديون ڪندڙ شخص 3 ٻارن سميت پاڻ کي باهه ڏئي ڇڏي

واقعي جي اطلاع ملندي پاڙيوارا گڏ ٿي ويا جن پنهنجي مدد پاڻ جي تحت باهه کي وسائي

عارف ولد بشير پنهنجي 3 ٻارن کي پاڻ سان گڏ گهر جي ويجهو آڪلينڊ گرائونڊ ۾ وٺي باهه ڏئي ڇڏي

عارف ڪيترن ئي ماڻهن جو قرضي هو، ڪيس 3 ٻار پهرين زال مان هئا جيڪا فوت ٿي وئي هئي: سس

ڪراچي (رپورٽر) نارٿ ڪراچي جي علائقي سيڪٽر فائيو سي فور ۾ 3 ٻارن جي پيءُ قرضين کان تنگ اچي 3 ٻارن سميت پاڻ کي باهه ڏئي ڇڏي. واقعي جي اطلاع ملندي پاڙيوارا گڏ ٿي ويا جن پنهنجي مدد پاڻ جي تحت باهه کي وسائي ڇپيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڇا ڀٽو جيان عمران خان جي فيئر ٽرائل لاءِ به 50 سال انتظار ڪرڻو پوندو؟ پي ٽي آءِ

ذوالفقار علي ڀٽو جي معاملي ۾ ان حقيقت تائين پهچندي پهچندي ته فيئر ٽرائل نه مليو سپريم ڪورٽ کي 50 سال لڳي ويا

عدالتي راءِ ڪيترن ئي صورت ۾ بامقصد ٿي سگهي ٿي ته عدالت عظميٰ اڄ لاقانونيت جو رستو روڪڻ لاءِ ڀرپور قوت استعمال ڪري

اسلام آباد (م ڊ) ذوالفقار علي ڀٽو بابت عدالتي ريفرنس تي سپريم ڪورٽ جي راءِ تي تحريڪ انصاف جو ردعمل سامهون اچي ويو پي ٽي آءِ طرفان بيان ۾ چيو ويو آهي ته ذوالفقار علي ڀٽو جي معاملي ۾ ان حقيقت تائين پهچندي پهچندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڀٽو ڦاهي چڙهي ويو ۽ چون ٿا ته فيصلو غلط هو، ملڪ ۾ آئين محفوظ ناهي رهيو: فضل الرحمان

اسلامي دنيا وٽ ايٽم بم هوندي اڄ فلسطين تي قيامت گذري رهي آهي، دفاع لاءِ توهان ايٽم بم ٺاهيو پر ڪري ڪجهه نٿا سگهو

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان رياست جي اهميت کي سمجهون ۽ رياست ۾ رهندڙ قوم کي سمجهون

پ پ ۽ ن ليگ کان سوال آهي ته توهان کي 2018 کان به گهٽ مينڊيٽ مليو، ان وقت به ڌانڌلي کي قبول نه ڪيو ۽ اڄ به نه ڪنداسين

جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان

لاهور (م ڊ) جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته اسلامي دنيا وٽ ايٽم بم هوندي اڄ فلسطين تي قيامت گذري رهي آهي، دفاع لاءِ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

پوليس جي سرجاني ٽائون ۾
ڪاروائي، ڦرجي وارداتن ۾
ملوث 3 جوابدار گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس سرجاني ٽائون ۾ ڪارروايون ڪندي 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ميرپورماٿيلو ۾ ڳوٺ محمد بخش لولائي جي رهواسين پاران ٻيلو ميرپور پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

ڊي ايس پي مٺل ڪڪرائي، ۽ ٻيلو ميرپور پوليس بنا جواز اسان جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي آهي: مظاهرين

ٻيلو ميرپور پوليس خلاف ميرپورماٿيلو پهچي ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب ميرپورماٿيلو آڏو مظاهرو ڪيو ويو

اسان جي ٽن ڳوٺاڻن علي حسن لولائي، علي گوهر، حڪيم لولائي کي ناحق کنيپي ڪٽي ويا آهن: مظاهرين جو الزام

ميرپورماٿيلو(رپورٽر) ميرپورماٿيلو: ڳوٺ محمد بخش لولائي جا رهواسي، لولائي برادري جي ماڻهن ٻيلو ميرپور پوليس خلاف ميرپورماٿيلو پهچي ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب ميرپورماٿيلو آڏو احتجاج، ٻيلو ميرپور پوليس ۽ ڊي ايس پي مٺل ڪڪرائي خلاف ڇتي نعريبازي، ڊي ايس پي مٺل ڪڪرائي، ۽ ٻيلو ميرپور پوليس بنا جواز اسان جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري عورتن، مردن، ٻارن مٿان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ پاران فيصلي خلاف جوابدار جي اپيل واري درخواست رد

سکر(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ پاران نينگر جي قتل ڪيس ۾ عمر قيد جي سزا ٻڌايل فيصلي خلاف جوابدار جي اپيل واري درخواست رد ڪري ڇڏي آهي نينگر محمد اڪرم جي قتل ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ جي سزا واري فيصلي خلاف جوابدار عبدالرحيم وسطڙو جي درخواست جي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي جسٽس محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

گهوٽڪي: ڳوٺ محمد بخش لولائي واسي پوليس خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽي ۾ 10 سالن کان امن امان جي صورتحال مڪمل طور تي خراب، پوليس ناڪام ٿي وئي

ٺٽو پوليس ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال قائم ڪرڻ ۾ مسلسل ناڪام ٿي وئي آهي: شهري

حيدرآباد روڊ تي بيٺل هٿياربندن مرچ وڪرو ڪندڙ واپارين کان لکين رپيا روڪ موبائل ڦري فرار ٿي ويا

تيزي سان وڌندڙ منشيات جو ڪاروبار به ٺٽي پوليس لاءِ سواليه نشان بڻجي چڪو آهي: ساجاهه وندن جون ڳالهيون

ٺٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۾ 10 سالن کان امن امان جي صورتحال مڪمل طور تي خراب ٺٽو پوليس ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال قائم ڪرڻ ۾ مسلسل ناڪام ٺٽي ضلعي ۾ چوري ۽ ڌاڙيلن جو راڄ چوري ۽ ڦرڻ جا واقعا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن ذريعن موجب حيدرآباد روڊ تي بيٺل هٿياربندن مرچ وڪرو ڪندڙ واپارين عباس جاتوئي، روشن جوکيو، دادا جاتوئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز جي ايس ايس پي پاران هارين کي وصول ڪيل رقم مان ڪٽوتيءَ جو نوٽيس

آفيسرن کي حڪم جاري ڪيا آهن ته ڊيوائس هولڊرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: ايس ايس پي

وصول ٿيندڙ رقم مان غير قانوني ڪٽوتي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا

نوشهروفيروز (رپورٽر منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهروفيروز حڪومت کان هارين کي وصول ڪيل رقم مان غير قانوني ڪٽوتيءَ جو نوٽيس وٺندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز ۾ ڊي سي پاران رمضان دوران عام استعمال جي شين جي اگهن جي مقرري بابت اجلاس

عام استعمال جي شين جي اگهن جي مقرري ۽ ناجائز منافعي ۽ ذخيره اندوزي روڪڻ بابت اجلاس ٿيو

غريب عوام کي عام استعمال ۽ کاڌي پيتي جون شيون مناسب اگهه تي فراهم ڪريون: محمد ارسلان سليم

دڪانن تي مقرر اگهه جي لسٽ نمايان جاءِ تي لڳائين ۽ انتظاميا پاران مقرر ڪيل اگهن تي وڪرو کي يقيني بڻائين

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ رمضان المبارڪ دوران عام استعمال جي شين جي اگهن جي مقرري ۽ ناجائز منافعي ۽ ذخيره اندوزي کي روڪڻ جي حوالي سان اجلاس ٿيو. ان موقعي تي هن چيو ته رمضان المبارڪ جو مهينو رحمتن ۽ رحمتن جو مهينو آهي، ان ڪري اسان سڀني کي گهرجي ته غريب عوام کي عام استعمال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڪاريو ۾ هفتي کان بجلي بند، رهواسي سخت پريشان

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڪاريو ۾ هفتي کان بجلي بند رهواسي سخت پريشان خبرموجب: اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڪاريو غلام شاهه جي مختلف پاڙن مهراڻيوٽا، پٽي، پيل جميل جي وانڊ، ميگهواڙ پاڙو جي رهواسين الهجڙيو پٽي دودو مهراڻيو هنسراج ڀيل پريس ڪلب پهچي دانهيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز: ڊي سي محمد ارسلان سليم اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

حيدرآباد جي عدالت پاران هيرو ٽاور جي ملڪيت وڪرو ڪرڻ خلاف درخواست تي اسٽي آرڊر

ايڇ ڊي بلڊرز هيرو ٽاور جي ملڪيت وڪرو ڪرڻ خلاف داخل درخواست تي اسٽي آرڊر جاري ڪري ڇڏيو

عدالت سرڪاري لاڳاپيل ادارن سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ۽ پرائيويٽ مالڪن کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

ايڇ ڊي ڊولپرز ۽ بلڊرز مٿي ڄاڻايل جوابدارن 18 بلين کان وڌيڪ رقم جي هيرو ٽاور جي خريد فروخت ۾ ٺڳي ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) حيدر آباد جي عدالت 18 بلين کان وڌيڪ فراڊ واري ڪيس ايڇ ڊي بلڊرز هيرو ٽاور جي ملڪيت وڪرو ڪرڻ خلاف داخل درخواست تي اسٽي آرڊر جاري ڪري ڇڏيو 2017ع ۾ دڪانن جي بڪنگ بهاني رقم ٺڳي دڪان نه ڏنا ويا، سول جج ايڇ ڊي بلڊرز ۽ هيرو ٽاورز جي مالڪن جي خلاف اسٽي آرڊر جاري ڪندي حڪم ڏنو آهي ته لاڳاپيل ملڪيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

هوڙي تي سوار لاپتا ماهيگيرن جي ڳولا لاءِ پاڪ نيوي جو آپريشن جاري آهي: ڊي سي ٺٽو

ضلعي انتظاميا پاران فراهم ڪيل خانگي غوطه خورن جي مدد سان ريسڪيو آپريشن جاري آهي

45 مهاڻا سوار هئا، 31 کي ميري ٽائيم سيڪيورٽي ۽ مقامي ماهيگيرن ريسڪيو ڪري بچائي ورتو

وارثن گم ٿيل 14 ماهيگيرن جي لسٽ جاري ڪندي پنهنجي مدد پاڻ تحت ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي: ذريعا

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) سمنڊ ۽ ٻڏي ويل ٻيڙي جا 14 مهاڻا اڃان لاپتا گم 45 مان 31 ڄڻن کي بچايو ويو آهي جڏهن ته 14 ڄڻن جو اڃان تائين پتو نه پئجي سگهيو آهي. گهرن ۾ قيامت جهڙا منظر روڄ راڙو، انتظاميا ۽ وارث ابراهيم حيدري جيٽي تي موجود، فشرمين ڪو آپريٽيو سوسائٽي پاران 45 مهاڻن کي 12 وڳي ريسڪيو ڪرڻ وارو جاري ڪيل بيان ڪوڙو نڪتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين ۾ والا چوڪ لڳ بلاول جوٽيجو اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم، اختياريون خاموش تماشائي

بدين(رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) بدين جا سرڪاري اسڪول سهولتن کان محروم، معصوم ٻارن لاءِ باٿ روم به ميسر نه آهن، حڪومت جون دعوائون هوا ۾ اڏامي ويون تفصيل مطابق، الله والا چوڪ لڳ بلاول جوٽيجو اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم جتي سوين ٻار پڙهن ٿا اسڪول جو مين گيٽ ٽٽل آهي واش روم جي سهولت نه آهي جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ملير: ڊي سي ۽ ٻيا عملدار سمنڊ ۾ ٻڏي ويلن جي ريسڪيو آپريشن جو جائزو وٺي رهيو آهي

بدين صحت کاتي جي نااهلي سبب ڪلڻ جي صحت مرڪز ۾ ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين جي ڪوٽ

رات جي ٽائيم ڀهراڙين کان ڊليوري، لاءِ ويم گهر اينڊز غريب عورتون دربدر ٿيڻ لڳيون آهن: شهري

سهولت لاءِ ڊي سي بدين عبدالفتاح هليو طرفان ڪلڻ جي صحت مرڪز ۾ ويم گهر جو افتتاح ڪيو ويو هو

ڊاڪٽرياڻي جي ڪوٽ آهي مقرر ڊاڪٽرياڻي ٻن مهينن جي موڪل تي آهي سنڌس نرسون موجود آهن: ڊي ايڇ او بدين

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين صحت کاتي جي نااهلي، ويهه هزار کان وڌيڪ آبادي رکندڙ شهر ڪلڻ جي صحت مرڪز ۾ ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين جي ڪوٽ، مقرر ڊاڪٽرياڻي ٻه موڪل تي روانگي رات جي ٽائيم ڀهراڙين کان ڊليوري، لاءِ ويم گهر اينڊز غريب عورتون دربدر ٿيڻ لڳيون، ڪيترائي ڊاڪٽر ويزا تي وڃڻ جا انڪشاف اسپتال پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي رحم ڪرم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز ۾ ڀيڻ ۽ ڀائرن جي ملڪيت وارو معاملو آخر حل ٿي ويو، عدالت حصو ڏياري ڇڏيو

مورو واسڻ عورت مسمات امينه سيھڙ پنهنجن پٽن امين ۽ محبوب سيھڙ سان ميڊيا سان ڳالهيون ڪيون

شڪر گذار آهيان جن مون ڀيڻ کي عزت ڏيندي اباڻي ملڪيت مان پنهنجو حصو ڏئي ڇڏيو آهي: مسمات امينا

نوشهروفيروز(رپورٽر، منظورملڪ) ڪجهه وقت کان هلندڙ ڀيڻ ۽ ڀائرن جي ملڪيت وارو معاملو آخر حل ٿي ويو عدالت ۾ ڀائرن پنهنجي ڀيڻ کي اباڻي ملڪيت مان حصو ڏئي ڇڏيو ڀيڻ ڀائرن کي دعائون. مورو واسڻ عورت مسمات امينه سيھڙ پنهنجن پٽن امين ۽ محبوب سيھڙ سان گڏجي ميڊيا کي ٻڌايو ته مان ڪافي ڏينهن کان اباڻي زرعي زمين جي ملڪيت مان حصو نه ملڻ خلاف پنهنجي ڀائرن خلاف احتجاج ڪيو ۽ عدالت سکر ۾ پڻ درخواست ڏني هئي جنهن ڪانپوءِ منهنجي ڀائرن ضمير سيھڙ، ديدار سيھڙ ۽ ڀائيٽي ظهير سيھڙ اباڻي ملڪيت مان عدالت سکر ۾ حصو ڏئي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي مون سميت منهنجي پٽن ۽ نياڻي جو حصو، ٿو رهي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دادو ۾ پاڪستان واپڊا ايمپلائيز پيغام يونين پاران ملازمن جي جبري بدلين خلاف احتجاجي مظاهرو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان واپڊا ايمپلائيز پيغام يونين پاران ملازمن جي جبري بدلين، اوور ٽائيم ڊيوٽي، الائونسز نه ملڻ سميت ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سيپڪو انجنيئر آفيس کان احتجاجي مارچ ڪري دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي مطالبن جي مڃتا لاءِ سخت نعريبازي ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز: مورو واسڻ مسمات امينه سيھڙ پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

سکر پوليس موٽرسائيڪل چورن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام، شهري پاڻ چور پڪڙڻ لڳا

سکر جي ريس ڪورس روڊ واري علائقي ۾ شهرين چور کي پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

بدامني تي ضابطو آڻڻ يا موٽرسائيڪل چورن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ڪا به اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پوليس موٽرسائيڪل چورن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام، شهري پهنجي جي مدد پاڻ ڪندي چورن کي پڪڙڻ لڳا، سکر جي ريس ڪورس روڊ واري علائقي ۾ شهرين چور کي پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو، موٽرسائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

روهڙي ۾ ساهرن جي ظلم جو شڪار عورت پاران لينسڊائون پل تان ٽپو ڏئي خودڪشي جي ڪوشش

گهوٽڪي جي رهواسڻ مسمات (س) روهڙي جي لينسڊائون پل وٽان درياهه ۾ ٽپو ڏئي ڪوشش ڪئي

اطلاع تي پوليس ۽ شهرين موقعي تي پهچي عورت کي بچائي ورتو، پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي

سکر(بيورو رپورٽ) روهڙي ۾ ساهرن جي ظلم جو شڪار عورت لينسڊائون پل تان ٽپو ڏئي خودڪشي جي ڪوشش ڪئي، پوليس ۽ موقعي تي موجود ماڻهن ڪيس بچائي ورتو تفصيل موجب گهوٽڪي جي رهواسڻ مسمات (س) روهڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

مورو شهر جي رهواسي محمد ياسين چانڊيو پاران ڌوهارين کان لاتعلقي جو اظهار

ساک سان چوان ٿو ته ڪنهن به ڌوهيا ڌوهاري سان ڪو واسطو تعلق نه هيو: ياسين چانڊيو

ايس ايس پي نوشهروفيروز، ڊي ايس پي مورو، ايس ايڇ او مورو وٽ پيش ٿي ساک تي بيان ڏنو آهي

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) مورو شهر جي رهواسي محمد ياسين چانڊيو پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته مان ساک سان چوان ٿو ته منهنجو ڪنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز: محمد ياسين چانڊيو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

گمبٽ جو پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ ميڊيا سينٽر پهچي ويو

سميرا گلال سنڌس مڙس امجد علي گلال سان گڏ ميڊيا سينٽر پهچي احتجاج ڪيو

جوابدار نعمت الله گلال ۽ عبدالغني گلال ڪاوڙجي اسان کي جان کان مارڻ گهرن ٿا: ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) گمبٽ جو پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ ميڊياسينٽر پهچي ويو تحفظ جو مطالبو گمبٽ پرسان اڳوا جي رهواسي پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙي سميرا گلال سنڌس مڙس امجد علي گلال سان گڏ ميڊيا سينٽر پهچي ٻڌايو ته اسان ڪنديارو ڪورٽ سڳوري ۾ حق نڪاح ڪيو آهي جيڪا ڳالهه اسان جي وارثن رياض گلال نعمت الله گلال ۽ عبدالغني گلال ۽ ڀين کي پسند نه آئي ان تان ڪاوڙجي هو اسان کي جان کان مارڻ گهرن ٿا اسان کي سندن مان جان جو خطرو آهي خدشو آهي ته اسان کي قتل ڪيو ويندو هنن اعلي اختيارين ايس ايس پي ضلع خيرپور ڊي ايس پي گمبٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

ٺٽون ڪوٽ ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ نفس نگر جي بهترين استاد جيرام گاڏاهي پاران دورو

جيرام گاڏاهي ٺٽون ڪوٽ جو دورو ڪيو، نفس نگر ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ جو نئون يونٽ کوليو ويو

باڻجي، مهيش، ليکراج، هريش، وشال، ونود، نندلال، پرديپ، ڀيل، پرديپ ڪمار، جيوراج ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) سجاڳ ٻار تحريڪ نفس نگر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽون ڪوٽ: ٻارڙيون اسڪول ۾ ويٺل آهن

خيرپور جي رهواسڻ روزينا ناريجو پاران پنهنجي اڳوڻي مڙس جي ظلم خلاف احتجاج

شادي غلام شبير ناريجو سان ٿي هئي، ان کان اڳ سڌير ناريجو سان شادي ٿي هئي: روزينا ناريجو

اڳوڻو مڙس ڌمڪائي رهيو آهي جنهن مان جان کي خطرو آهي اڳوڻي مڙس مان ٽي ٻار پڻ آهن: ڳالهيون

سکر (بيورو رپورٽ) خيرپور جي رهواسي مسمات روزينا ناريجو پنهنجي اڳوڻي مڙس جي ظلم خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته سنڌس شادي 9 مهينا اڳ غلام شبير ناريجو سان ٿي هئي، ان کان اڳ سڌير ناريجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پاڪستان اسٽيل ملز موڙ وٽ قومي شاهراهه تي ٽرالر جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت

چورنگي تي يوٽرن ڪاٽيندي ٽرالر جي زد ۾ اچي نوجوان مٿان ٽرالر هيٺان اچي ويو

فوتي جي سڃاڻپ 35 سالا عدنان ولد گل محمد جي نالي سان ٿي، ٽرالر ڊرائيور گرفتار

ملير(ڊ ـ ر) اسٽيل ٽائون چورنگي ويجهو ٽرالر موٽر سائيڪل سوار کي چيپاٽي ڇڏيو، موٽر سائيڪل سوار ٿڏي تي فوت ٿي ويو. تفصيل موجب ملير ۾ اسٽيل ٽائون چورنگي ويجهو قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ايس ايس پي ڪشمور بشير احمد بروهي جي حڪم تحت اسپيشل ٽيم جون ڪارروايون

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ آر ڊي 219 پل واري علائقي ۾ اضافي نفري موڪلي وئي آهي: عملدار

صفير احمد جاگيراڻي ۽ اسپيشل انچارج سيد صنر علي شاهه جيلاني پاران مغوين جي بازيابي لاءِ ڪارروائي

غوثپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور ايس ايس پي ڪشمور بشير احمد بروهي جي حڪم تحت ڪشمور ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس جو اسپيشل ٽيم جي صفير احمد جاگيراڻي جي اڳواڻي ۾ مغوين جي بازيابي ۽ گهربل روپوش جوابدارن جي گرفتاري لاءِ آر ڊي 219 پل واري علائقي ۾ اضافي نفري ۽ اي پي سيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

غوثپور: مختلف جوابدارن جي گرفتاري لاءِ جوڙيل اسپيشل ٽيم جو گروپ فوٽو

ميرپورماٿيلو ڳوٺ غلام حسين لغاري جا رهواسي پورهيت گذريل ٽن ڏينهن کان گم

وارثن پاران پنهنجي پورهيتن جي اغوا جو شڪ ظاهر، پنهنجي پورهيتن جي گهرن ۾ روڄ راڙو متل

پورهيت اقبال موچي ۽ اختر موچي گذريل ٽن ڏينهن کان گم آهن، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

ميرپورماٿيلو(رپورٽر) ميرپورماٿيلو ڳوٺ غلام حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

گهوٽڪي: ڳوٺ غلام حسين لغاري واري لاپتا ٿي ويلن جو فائل فوٽو

ميرپور ماٿيلو ۾ ليبر قانون ۽ سي ايس آر فنڊ تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪريون پيا: ڪمشنر سکر

پاليسي موجب گهٽ ۾ گهٽ اجرت ڏيارڻ لاءِ سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن ڪردار ادا ڪري رهي آهي

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي آغا شيرزمان، پروگرام ايڊوائزر عبدالله دايو، بئريسٽر ردا طاهر، ڊائريڪٽر ليبر شريڪ

صنعتي ادارا گهٽ ۾ گهٽ اجرت واري قانون تي عمل ڪن ۽ چائلڊ ليبر جي روڪٿام لاءِ قدم کنيا وڃن: ڳالهيون

ميرپورماٿيلو(رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: ليبر قانون ۽ سي ايس آر فنڊ تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪريون پيا، پورهيتن کي سنڌ حڪومت جي پاليسي موجب گهٽ ۾ گهٽ اجرت ڏيارڻ لاءِ سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن ڪردار ادا ڪري رهي آهي، هڪ اهڙو معاشرو چاهيون ٿا جيڪو تشدد ۽ انتهاپسندي کان پاڪ هجي هر انسان کي برابري جي بنياد تي انصاف ملي سگهي، خبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

گهوٽڪي: ڊي سي آغا شيرزمان ۽ ٻيا ڳنڍجاڻي کي خطاب ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ ضلعي انتظاميا پاران عام واهپي جي شين جي اگهن بابت شيڊول جاري

نوشهروفيروز(رپورٽر) دال مسور (اول) 285، دال مسور(2) 250، دال چڻا (ٻهرين) 232، دال مونگ (ٻهرين) 310 دال مونگ (2) 290، دال متر 250، دال ماش 425، چانور اڇو سنڌي 280، چانور ترڪي 350 چنا 12 اير اير 380 بسن 240، چانور (ڇهاسي) 195، چانور ڪائنات 250، چانور سپر ڪرنل سيلا 290، چانور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر پوليس 206 ڏينهن ٿيڻ باوجود جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ڪيا، احتجاج جاري

سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف ريلي

صحافين امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو

فضل الرحمان قريشي، قاضي ضياءالرحمان، ناصر جعفري، شاهولي، بابر ڪوڪر، طفيل وسطڙو، شاهنواز شر ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

سکر (بيوروپورٽ) سکر پوليس 206 ڏينهن ٿيڻ باوجود شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ڪيا، صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، قاتلن جي گرفتاري لاءِ نعرا هنيا ويا سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف 206 ڏينهن ايس يو جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ اربع ڏينهن به سکر پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

هوپ فار آل آرگنائيزيشن پاران نامياري اديب محقق اعجاز ممنائي کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ تقريب

آرگنائيزيشن جي صدر محمد امين ميمڻ، اطلاعات جي سيڪريٽري توحيدالله عباسي شريڪ

اعجاز ممنائي جاڪرڙي ۽ متحرڪ ليکڪ آهي هر علمي ادبي ۽ سماجي ميدان ۾ ڪم ڪيو: مقررين

نوشهرو فيروز(ذ ر) هوپ فار آل آرگنائيزيشن پاران سنڌ جي نامياري اديب، محقق، سماج سڌارڪ سائين اعجاز ممنائي جي علمي ادبي ۽ سماجي خدمتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سستي اگهن تي کاڌي پيتي جي شين جي فراهمي جي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون: ڊي سي سکر

اگهه مقرر ڪري انهن تي سختي سان عمل ڪرائڻ کان علاوه سستي رمضان بچت بازار پڻ قائم ڪئي ويندي

فراهم ڪيل اگهن جو جائزو وٺي ڪري عوام کي سستي اگهن تي کاڌي پيتي جي شين جا اگهه جاري ڪندا سين

واپارين اسان رمضان المبارڪ ۾ کاڌي پيتي جي شين جي اگهن جي حوالي سان منعقد ڪيل اجلاس دوران ڳالهيون

سکر(رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) ڊپٽي ڪمشنر سکر فياض حسين مهيسر چيو آهي ته رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني ۾ عوام کي سستي اگهن تي کاڌي پيتي جي شين جي فراهمي جي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون، مارڪيٽ ۾ کاڌي پيتي جي شين جا اگهه مقرر ڪري انهن تي سختي سان عمل ڪرائڻ کان علاوه ضلعي انتظاميا پاران سستي رمضان بچت بازار پڻ قائم ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر: ڊي سي فياض حسين مهيسر سان وفد ملاقات بعد گڏ بيٺل آهي

سرحد مان ڏينهن ڏٺي جو چوري، نامعلوم چور گهر مان 12 لک روڪ ۽ ٻيو سامان ڦرلت

سرحد(رپورٽر) سرحد مان ڏينهن ڏٺي جو چوري، نامعلوم چور گهر مان 12 لک روڪ، 6 تولا سون ۽ ٻيو سامان ڀهاري فرار. پوليس کي اطلاع. خبرموجب سرحد شهر جي لکڻ محلي مان نامعلوم چور شهري رابيلو عرف اربيلو لکڻ جي گهر مان تالا ٽوڙي ڏينهن ڏٺي جو 12 لک رپيا روڪ، 6 تولا سون ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

هاءِ ڪورٽ پاران بدامني تي ضابطو نه اچڻ تي چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ وفاقي سرڪار کان جواب طلب

ٻڌڻي دوران ايس ايس پي گهوٽڪي هاءِ ڪورٽ ۾ اغوا ٿيل نوجوان ڌاڙيلن وٽ قيد بابت اعتراف ڪري ورتو

نوجوان عجب گل لغاري کي ڀنگ لاءِ اغوا ڪيو ويو آهي هن مهل جتوئي ڌاڙيلن جي ٽولي وٽ قيد آهي: ايس ايس پي

ڌوهاري روڊ رستن تان روزانو ماڻهن کي اغواءِ ڌوهي وارداتون ڪري هليا وڃن ٿا، ڪارروائي چوناهي ڪئي وئي: هاءِ ڪورٽ

سکر(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي اغوا ٿي ويل نوجوان جي ڌاڙيلن وٽ قيد بابت اعتراف ڪري ورتو عدالت اغوا وارداتن ۽ بدامني تي ضابطو نه اچڻ تي چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ وفاقي سرڪار کان جواب طلب ڪري ورتو آهي ان سلسلي ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي انور ڪيتران طرفان اغوا ٿيل نوجوان عجب گل لغاري جي بازيابي لاءِ داخل درخواست جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽي بي جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان مرسي ڪراپس پاران جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال ۾ سيمينار جو اهتمام ڪيو ويو، ايم ايس ڊاڪٽر دولت جمالي شريڪ

ڊاڪٽر عائشه منظور پي ايم آر اي سنڌ جي جوائنٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر رفيق وگهيو، فوڪل پرسن خطاب ڪيو

ٽنڊو محمد خان (ابراهيم علي بروهي) ٽي بي جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان مرسي ڪراپس پاران جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي ۽ ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال ۾ سيمينار جو اهتمام ڪيو ويو، انهي موقعي تي ايم ايس ڊاڪٽر دولت جمالي، ٽي بي پروگرام جي ڊسٽرڪٽ آفيسر ڊاڪٽر عائشه منظور، پي ايم آر اي سنڌ جي جوائنٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر رفيق وگهيو، فوڪل پرسن ڊاڪٽر مظهرالحق خطاب ڪندي چيو ته ٽي بي لاعلاج مرض ناهي رهيو، مڪمل علاج سان ٽي بي جو خاتمو اچي سگهي ٿو، صحت کاتو ٽي بي جي علاج لاءِ هر ممڪن ڪوششون وٺي رهيو آهي جنهن سان ڪافي بهتري آئي آهي ٽي بي جي خاتمي لاءِ سينٽر قائم ڪيا ويا آهن جتي مفت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي کان ڪشمور سنڌ ۾ بدامني عوام جو ساهه سڪائي ڇڏيو آهي: محمد حسين محنتي

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو آهي ته ڪراچي کان ڪشمور سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني عوام جو ساهه سڪائي ڇڏيو آهي. ڪچي تڙي پڪي جي ڌاڙيلن خلاف بي رحمانو آپريشن ۽ پوليس کاتي کي غير سياسي بڻائڻ کان سواءِ ڌاڙيل راڄ جو خاتمو ناممڪن لڳي ٿو هن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

TB PREVENTIVE THERAPY
Advocacy Event to End TB in Sindh
YES! WE CAN END TB
5th March, 2024

ٽنڊو محمد خان: ٽي بي جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان نڪتل جاڳرتا ريلي جو ڏيک

جان محمد مهر ڪيس ۾ 2 جوابدارن جي ضمانت تي آزاد ڪرڻ واري فيصلي خلاف مهلت طلب

جوابدارن جي ضمانت تي آزاد ڪرڻ واري فيصلي خلاف درخواست تي سرڪاري وڪيل مهلت گهري ورتي

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو تي ٻڌل بئنچ ٻڌڻي ڪئي

درخواست جي ٻڌڻي دوران سرڪاري وڪيل جي مهلت واري درخواست منظور ڪندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي آهي

سکر(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ شهيد صحافي جان محمد مهر قتل ڪيس ۾ ٻن سهولتڪار جوابدارن جي ضمانت تي آزاد ڪرڻ واري فيصلي خلاف درخواست تي سرڪاري وڪيل مهلت گهري ورتي آهي ان سلسلي ۾ جان محمد مهر قتل ڪيس ۾ ٻن سهولتڪار جوابدارن بخشيل مهر ۽ بابر مهر جي ضمانت تي آزاد ڪرڻ واري دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي فيصلي خلاف فريادي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ملير ۾ السنز آٽو پارٽس ڪمپني مان پورهيت نوڪرين تان برطرف ڪرڻ خلاف احتجاج

سنڌ ترقي پسند پارٽي طرفان ڪارخاني جي مک دروازي کي بند ڪري احتجاج ڪيو ويو

السنز انتظاميا مزدور دشمن پاليسيون ختم ڪري پورهيتن جون نوڪريون بحال ڪيون وڃن

خير محمد مگسي، پير بخش ٻهلڪاڻي، سورهيه سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

ملير(ڊ ـ ر) ملير ۾ السنز آٽو پارٽس ڪمپني مان 80 کان وڌيڪ پورهيت نوڪرين تان برطرف، پورهيتن ۽ سنڌ ترقي پسند پارٽي طرفان ڪارخاني جي مک دروازي کي بند ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. سالن کان ڪم ڪندڙ پورهيتن کي نيڪالي ڏئي من پسند ماڻهن کي ڀرتي ڪيو ويو آهي. السنز انتظاميا مزدور دشمن پاليسيون ختم ڪري پورهيتن جون نوڪريون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو جي ڊي سي پاران علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري جو دورو، نوجوانن سان ملاقاتون

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو دادو شهر ۾ علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري جو اوچتو دورو، دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر دادو شاگردن پاران ڪتابن جو مطالعو ڪندي ڏٺو جنهن تي هن پاران خوشي جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته نوجوان ئي مستقبل ۾ ملڪ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي تعليم حاصل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ملير: پورهيتن کي برطرف ڪرڻ خلاف ايس ٽي پي پاران فيڪٽري ٻاهران احتجاج ڪيو پيو وڃي

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ائيرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 07 مارچ 2024ع

قانون وڏو يا مينهن ؟!

اليڪشن به ٿي، سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن به قسم کنيو، سنڌ جو وڏو وزير به چونڊجي ويو، سنڌ جي وڏي وزير پنهنجي عهدي جو حلف به کڻي ورتو پر سنڌ مان ڌاڙيلن جو راڄ ختم نه ٿيو. ڌاڙيلن جون ڪارروايون ڏينهون ڏينهن وڌنديون وڃن ۽ ايئن پيو محسوس ٿئي ڄڻ ڏوهن واري ايڪسيليٽر تي ڪن اڻ ڏٺل قوتن جو پير هجي. هونئن به سنڌ ۾ حڪومت ڪٿي ڪنهن جي به هجي، ان سان ڌاڙيلن جي نه صحت تي اثر پوندو آهي ۽ نه ئي انهن جي ڪارروائين تي. نه گذريل ڏيڍ ڏهاڪي جي حڪمرانيءَ دوران انهن کي لهر لوڏو هو ۽ نه ئي ڇهن مهينن جي نگران انتظاميا انهن جي ڏوهاري سرگرمين کي ڏانوڻ وجهي سگهي. ماڻهو روڊن رستن تان، شهرن ۽ ڳوٺن مان، ڪچي ۽ پڪي مان، گهٽين ۽ گهرن مان بنا روڪ رنڊڪ جي اغوا ٿي رهيا آهن. ڌاڙيل ڏهڪاءُ پکيڙڻ لاءِ مغوين تي تشدد واريون وڊيوز سوشل ميڊيا تي رکن ٿا، جيئن تازي وڊيو مغوي پوليو آفيسر جي وائرل ٿي آهي، جنهن سان گڏ ڌاڙيل چتاءُ ڏئي ٿو ته پوليس طرفان ڪاهيل سنڌس مينهون واپس نه ڪيون ويون ته پوليس چوڪين ۽ پارڪو لائين تي راڪيٽ لانچرن سان حملا ڪيا ويندا.

سنڌ جي امن امان کي منظم رٿا بنديءَ سان تباهه ڪيو ويو آهي. سنڌ جي ماڻهن تي نفسياتي ۽ اعصابي جنگ مڙهي وئي آهي. ايئن به ڪونهي ته چند سؤ ڌاڙيل رياست کان ڏاڍا هجن پر هٿ وٺي ڏهڪاءُ پيدا ڪري ماڻهن جي ذهن کي مفلوج ڪيو پيو وڃي ته اهي ٻئي ڪنهن پاسي سوچڻ جي سگهه نه رکن. هونئن ته سنڌ جا منتظمين احسن ڪارڪردگيءَ جي دعويٰ ڪندي نٿا ٿڪن پر انهن جي ڪارڪردگيءَ جي دائري ۽ ترجيحن ۾ شايد سنڌ جو امن امان شامل ئي نه آهي، جو امن امان جي بدتر صورتحال انهن جي انتظامي ايجنڊا تي اچي نه سگهي آهي. سنڌ انتظامي نااهلي سبب ڏوهارين جي ڏيهه واري سڃاڻپ جوڙڻ واري گس تي هلي رهي آهي. پوليس ڏوهن جي خاتمي واري پنهنجي ذميواري پوري نه پئي ڪري ۽ اها رڳو پروٽوڪول فورس بڻيل آهي. پوليس جيڪڏهن پنهنجي ڪارڪردگي مڃرائي آهي ته اها صرف ۽ صرف قبيلائي ۽ سياسي پوتارن جي جاهه ۽ جلال، رعب ۽ دٻدٻي وارو جهان برقرار رکڻ جي حوالي سان مڃرائي آهي. باقي حقيقت اها آهي ته پوليس جي نااهل نفري عوام جي ٽيڪسن جي ناڻي تي چٽي ڀڄي پلجي رهي آهي. پوليس ۾ سياسي مداخلت هن اهم اداري کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ضلعن جا پوليس ڪماني سياسي پوتارن جي مرضي ۽ فرمائش موجب مقرر ڪيا ويندا آهن. اهي پوليس آفيسر قانون جي عملداري قائم ڪرڻ لاءِ نه پر سموري چيڙي نبيري انهن ئي سياسي پوتارن جي مرضي ۽ منشا موجب ڪندا آهن.

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته، "عقل وڏو يا مينهن وڏي؟" پر سنڌ ۾ ان ۾ موجوده حالتن ۾ اها ترميم ڪري سگهجي ٿي ته، "قانون وڏو يا مينهن؟" ٻين ملڪن ۾ ڀلي ڪٿي قانون وڏو هجي ۽ اتي انهن جو ڀلي اهو اصول هجي ته قانون موت وانگر هجڻ گهرجي، جنهن مان ڪنهن کي به استثنا ۽ نجات حاصل نه هجي پر اسان جي ملڪ ۾ قانون کان مينهن وڏي آهي. جڏهن ڌاڙيل ماڻهو اغوا ڪري ٿا وڃن ته پوليس جا جوڌا جواب ۾ وري ڌاڙيلن جي مينهن (مينهون) 'اغوا' ڪري ٿا اچن. ڌاڙيل 'مغوي مينهن' بازياب ڪرائڻ لاءِ پوليس چوڪين ۽ پارڪو لائين تي حملن جون ڌمڪيون ڏين ٿا ۽ اهڙي قسم جي ڌمڪين ڪانپوءِ ايئن ٿيندو آهي ته قانون کان مينهن وڏي ٿي ويندي آهي ۽ قانون کي ان جي حيثيت ياد ڏياري ويندي آهي. هن ڀيري به ايئن ٿو لڳي ته ڌاڙيلن جي اها 'مغوي مينهن' شايد بازياب ٿي وڃي، پوليس چوڪيون ۽ پارڪو لائين به حملن کان بچي وڃي پر جيڪي هن ديس جا مغوي شهري ڌاڙيلن جي گرفت ۾ آهن، انهن کي ڪير آزاد ڪرائيندو؟

سنڌ ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن جا رڳو اعلان ته ٿيندا آهن پر ڀرپور آپريشن هڪ خواب رهندو اچي. جيئن ته ملڪ جي ٽن صوبن جون سرحدون ڳنڍيل آهن ۽ ڌاڙيلن خلاف جڏهن ڪا ڪارروائي ڪئي وڃي ٿي ته اهي هڪ صوبي کان ٻئي صوبي ڏانهن هليا ٿا وڃن. اسان اڳ ۾ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ هڪ ئي وقت گڏيل آپريشن ڪيو وڃي، تنهن ڪانپوءِ ئي ڌاڙيلن جي خاتمي جو ڪو امڪان پيدا ٿي سگهي ٿو. ان جي لاءِ ٽنهي صوبن کي گڏيل حڪمت عملي جوڙڻي پوندي ۽ ضرورت پوڻ تي وفاق کان به مدد طلب ڪرڻي پئجي سگهي ٿي.

تبديلي سراب مثل آهي

ڊاڪٽر علي رضا قاضي

خير سان محمد شهباز شريف ملڪ جو 24هون وزير اعظم ٿي ويو. ملڪ جو عام ماڻهو توڙي دانشور طبقو هن سرڪار کي پي ڊي ايم، پارٽ ٽو سان تعبير ڪن پيا. وفاق ۾ وزيراعظم جي قسم کڻڻ ڪانپوءِ چئني صوبن ۾ وزير اعلي پڻ ڪرسيءَ تي ويهي رهيا. ڪجهه ڏينهن ۾ ئي وزارتن جو اعلان پڻ ٿي ويندو. جيڪي چهرا به يقين سان ساڳيا ئي هوندا، يعني سرڪار سطح تي ڪا به تبديلي نه ايندي. نتيجي ۾ ملڪ ساڳي ريت جمود جي حالت ۾ ئي رهندو. جمود جو هڪ سبب حالتن جو انتها تي پهچڻ به آهي. مثال طور: معاشي طور اسان بربادي‌ءَ جي انتها تي پهتل آهيون. سياسي طور ان جي جهلڪ 2024 جي اليڪشن ۾ ڏسي سگهجي ٿي. سماجي طور پاڻ جنهن نهج تي پهچي ويا آهيون، اسان جو شمار دنيا جي خوفناڪ معاشرن منجهه ٿي ويو آهي. سڌريل دنيا جا ماڻهو هتي اچڻ کان لنوائين ٿا. اعتدال پنهنجي طبيعت کان ٿيندو معاشري ۾ ناپيد ٿيندو پيو وڃي.

اعتدال ڇا ٿيندو آهي؟ تاريخ ۾ ان جا ڪيترائي مثال موجود آهن. انهن روين جي نتيجي ۾ مختلف معاشرن ۾ نه صرف امن و امان قائم ٿيو پر زندگيءَ جي هر طبقي ۾ خوشحالي پڻ آئي. سال 313 عيسوي، يورپ ۾ رومي شهنشاهه ڪانسٽينٽائين دي گريٽ ۽ ايشيا ۾ ليسينيس کي ميلان جي حڪمن تي سڄي رومي سلطنت اندر مذهبي رواداريءَ جي پاليسي وجود ۾ آئي. حقيقي طور اهي جديد يورپ جا بنياد هئا. 305 کان 232 قبل مسيح ۾ هندستان اندر موريه خاندان جي شهنشاهه اشوڪ، ٻڌ مت کي اختيار ڪيو. اشوڪ اعظم جهڙي ريت سلطنت ۾ عدم تشدد، محبت کي پروان چاڙهيو، اهي مثال اڄ به ڳائجن ٿا. 1850 ڌاري آمريڪا ۾ جهڙي ريت غلامداري سماج کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيليفورنيا رياست ۾ قانون جوڙيا ويا، اهي قدم اڄ به آمريڪا جي خوشحاليءَ ۾ بنياد جو درجو رکن ٿا ۽ ساڳي وقت سياسي اعتدال ۽ سمجهوتي جا بهترين مثال پڻ آهن.

اهڙا سوين نه پر هزارين مثال ملندا، جن سان معاشرن پاڻ کي تبديل ڪيو، نتيجو سک ۽ شانتي انهن جا مقدر بڻيا. انهن سڀني ڳالهين ۾ پاڻ ڪٿي بيٺا آهيون؟ اهو هڪ ڪروڙ جو سوال آهي، جنهن جي جواب کي ڦولهڻ باوجود اسان کي ڪجهه به نه ملي سگهيو آهي! ملڪ جي سياسي ڪار وهنوار ۾ ڀلي تبديليون اينديون رهن. پر هتان جون حالتون ڪنهن به پاسي کان تبديليءَ جو ڳَر موڙيندي نظر نه ٿيون اچن. حالتون ڪيتريون بي رحم درجي تي پهچي ويون آهن. جو هر جاءِ تي ان جا مثال ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. ڪجهه مهينا اڳ ٺاروشاهه جي ويجهو، 16 مهينن جي بيمار ٻار کي مائٽن فقط ان ڪري زهر ڏئي ماري ڇڏيو، جو هو اسپتال نه پيا وڃڻ چاهين. انهن کي اسپتالن جي حالتن جي چڱي ريت سڌ آهي. حالتون اهڙيون آهن جو جيڪڏهن عام ماڻهوءَ جو ٽپيدار ۾ به ڪم پوي ٿو ته هو ڪم ڪرائڻ لاءِ واسطيداري جاچي ٿو. ٽپيدار هجي يا ٻيو ڪو سرڪاري اهلڪار يا عملدار، ان مان ڪم ڪڍڻ ڪيترو مشڪل آهي، هاڻي ڳجهه ناهي رهيو! سچ ته اهو به آهي ته ماڻهو، آخر داد فرياد لاءِ ٿاڻي، علاج معالجي لاءِ اسپتال ۽ ٻين ڪمن سانگي سرڪاري دفترن ڏانهن نه ٿا وڃڻ چاهين؛ نه صرف ايترو به معياري تعليم لاءِ به سرڪاري اسڪولن کي ترجيح نه ٿي ڏني وڃي، ان جا بنيادي سبب ڪهڙا به هجن، پر مختصر جواب هي آهي ته عام توڙي خاص جو سرڪار جي مٿان اعتماد ختم ٿي چڪو آهي! سوال هي به آهي ته ڇا ماڻهن جي مسئلن جي حل يا قانون جي حڪمرانيءَ جو تعلق طرز حڪومت سان آهي؟ مثال طور: جمهوريت ۾ ماڻهن کي وڌيڪ آسانيون آهن يا آمريت ۾ عام ماڻهو گهٽ مسئلن کي منهن ڏئي ٿو؟ ان سوال جو جواب به نفي ۾ ملي ٿو. سرڪار ڪهڙي به هجي، آفيسن جو ڪلچر ساڳيو رهي ٿو! البت ايترو ضرور آهي ته 'ڪم ڪرڻ جا ريٽ وڌيو وڃن!' رڳو ٿاڻن جو ڪلچر ڏسو. پوليس وارن جا رويا ڏسو. سچ ته انهن کي ڏسي تحفظ جي احساس بجاءِ خوف طاري ٿيو وڃي. پوليسنگ جو نظام ڀلي يورپ کان هتي آيو هجي پر ڪلچر اسان جو پنهنجو آهي. جنهن ۾ 'ڏاڏي جي لٺ کي هميشه ٻه مٿا هوندا آهن!' ملڪ ۾ جمهوريت هجي يا آمريت، اسيمبليون هجن يا نه، ان سان ڪو فرق نه ٿو پوي. ٽپيدار کان 'فردي' ڪيرائڻ جا ريٽ ساڳيا رهندا. ايڪسئين ڀلي، واپڊا جو هجي يا بلڊنگس جو يا هاءِ ويز جو، اهو پنهنجو حصو پتي ضرور وٺندو بس، هن سڄي ڪورڪ ڌنڌي ۾ ايمان ان وقت ٽِڪرن ۾ ورهائجي ويندو آهي. جڏهن جيڪو جيتري 'ايمان' جي دعوا ڪندو آهي، اوترو ئي 'بي ايمان' نڪرندو آهي! طرزِ حڪمراني فقط معمولي قسم جون تبديليون ڪٿي ايندي آهي. باقي ته پاڻ سماجي خمير تي قائم رهندا آهيون. جنهن ۾ هر حال ۾ بي ايماني ڪرڻي هوندي آهي.

جمهوريت لاءِ عام اليڪشن ۽ آمريت ۾ گهڻو ڪري ريفرنڊم جهڙيون وڏي پيماني تي سرگرميون ٿينديون رهنديون آهن. اهو سڀ ڪجهه ملڪ جي ايليٽ ڪلاس يا ڪجهه مڊل ڪلاس جي مٿي جو سور ته ٿي سگهي ٿو: باقي 98 في سيڪڙو ماڻهن کي ان مان ڪهڙو فائدو! سواءِ ان جي ته اليڪشن جي ڏينهن وڏي پاٽوڙي ۾ پيٽ ملندو، يا اميدوار سخي آهي ته ڀلي (قرآن پاڪ) تي هٿ رکرائي، ووٽ جي پڪ ڪرائي فيملي جي في ووٽ جي حساب سان ڪجهه ڏوڪڙ يا سولر پليٽ وٺي ڏئي سگهي ٿو. پوءِ هو ڪامياب ٿي اسيمبليءَ ۾ پهچي اظهار جي آزادي جو مزو ماڻي سگهي. باقي ان اظهار جي آزاديءَ سان مسڪين ماڻهوءَ جو ڇا وڃي!؟ هو ته پنهنجن بنيادي حقن لاءِ پريشان آهي. قتل ڪان پوءِ به ايف. آءِ آر جو داخل نه ٿيڻ لاش روڊ تي رکي مطالبي لاءِ ڌرڻو هڻڻ ڇا مطلب؟ يا ميٽر هٽائڻ يا ڪٽرائڻ لاءِ واپڊا آفيس جا چڪر مٿان چڪر. پوءِ جمهوريت هجي يا آمريت ڪهڙو فرق ٿو پوي!

بنيادي طور طرزِ حڪمراني ۽ قانون جي پاسداري بلڪل به الڳ معاملا آهن. هتان جي ماڻهن جي خمير ۾ ڪڏهن به قانون يا قانون جي حڪمراني نه رهي آهي. ها ايترو سو آهي ته مٿئين ڪلاس وٽ جمهوريت جو راڳ ضرور ڳايو وڃي ٿو اها جمهوريت جنهن سان سماج تي ڪو به اثر ناهي پوڻو. قانون جي حڪمرانيءَ مان سڌو مطلب قانونن تي عمل ڪرڻ هوندو آهي. پر هتي هر طبقي لاءِ الڳ قانون موجود آهي. غريب لاءِ هڪڙو قانون ته امير لاءِ ٻيو قانون. رڳو رستي تي اچو ٽريفڪ وارڊن جي ڪارڪردگي ڏسو. موٽر سائيڪل واري لاءِ الڳ قانون ته وڏين گاڏي واري لاءِ جدا قانون! پوءِ جيڪڏهن معاشري ۾ ڪٿي ڪان بغاوت جي چڻنگ اٿي ٿي ته ان تي عجب جو اظهار نه ڪرڻ گهرجي. انهن سڀني معاملن ۾ وري حيرت ۽ دلچسپيءَ جو عنصر ان وقت نمايان ٿي بيهي ٿو ته جيڪي ماڻهو، سماجي ناانصافين جي خلاف اٿي کڙا ٿين ٿا، ڪجهه وقت ۾ قوت اچڻ کان پوءِ اهي ساڳيا بلڪل ان ئي پريڪٽس ۾ مشغول ٿي وڃن ٿا، جنهن خلاف هنن جدوجهد ڪئي هئي.

هڪ ٻي اهم ڳالهه، جنهن تي پاڻ ڪڏهن غور نه ڪيو آهي، يا ان کي سمجهڻ ئي نه ٿا چاهيون ته دنيا ۾ قائم مختلف سماجن جا مختلف پيمانا يا قانون ٿين ٿا. سڌريل معاشرن جون ڳالهيون الڳ ته پوئتي پيل سماجن جا قصا پيا هوندا آهن. جهڙي ريت اسان جي سماج ۾ جيڪڏهن ڇوڪري گهران ڀڄي پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪري ته اهو عمل ڪارنهن جي داغ سان تعبير ڪيو ويندو آهي. ٻئي پاسي معاشرتي بدعنواني کي خراب نه ٿو سمجهيو وڃي. هڪ آفيسر ڪرپشن کي ڪروڙن جي ملڪيت ٺاهي ٿو. هن وٽ زر زمين وڏي مقدار ۾ اچي ويو آهي. بجاءِ جو معاشرو ان کي خراب سمجهي، ان کي معتبر سمجهيو وڃي ٿو. يورپ يا آمريڪا جي ملڪن ۾ رهندڙن ماڻهن وٽ وري اهي پيمانا بلڪل الڳ آهن. ڇوڪريءَ جو ٻواءِ فرينڊ هجڻ معمول مطابق آهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو رڳو ٽيڪس نه ڏئي ۽ ٽيڪسيشن ڊپارٽمينٽ وارا هڪ پيرو در تي آيا ته پوءِ اهو ماڻهو ان پاڙي ۾ رهڻ جوڳو نه رهندو. آمريڪا ۽ يورپ ۾ ڪيترن ئي حڪمرانن کي فقط ان ڪري اقتدار تان هٿ کڻڻا پيا ته هنن ڪوڙ ڳالهايو هو. اهو ڪوڙ جيڪو اسان جي سماج ۾ عام جام ڳالهايو ويندو آهي. هي سڀ معاملا انساني قدرن سان تعلق رکن ٿا. قانون جو وارو پوءِ ۽ طرزِ حڪمرانيءَ جو نمبر آخري آهي. هتي بدقسمتيءَ سان جمهوريت ۽ آمريت کي ئي معاملن جي سٺي يا خراب هجڻ جو پيمانو سمجهيو وڃي ٿو. هاڻي اها جمهوريت ڀلا ڪهڙي ڪم جي جنهن ۾ عام شهرين کي پوليس، صحت ۽ تعليم جهڙن کاتن تي ڀروسو ناهي. هڪڙا ماڻهو، پنهنجي قتل جي ايف. آءِ آر. فقط ان لاءِ داخل نه پيا ڪرائين ڇو جو ڄاڻن پيا ته ان سان هنن جي درد جي دوا ٿيڻ بجاءِ ڏک ڏولاوا وڌندا. ٻيا پنهنجي معصوم ٻارڙن کي بقول پوليس جي ئي ته زهر ڏئي مارين پيا! گهڻي سوچڻ جي ضرورت آهي. اهو پڻ ته هن ديس ۾ مثبت تبديلي سراب مثل آهي.

تڙي طبيبنِ، گهائلُ گهران ڪَڍيو؛
چِڪيا چاڪَ چِيهُون ڪري، ڪَڙيُون مور نہ ڪَنِ؛
دوستَ جي درسنَ سين، پَٽي نارُ نَپَنِ؛

پي ٽي آءِ پختونخواهه ۾ ڪيئن ڪلين سوئيپ ڪئي؟

سليم صافي

ڇا خيبرپختونخواهه ۾ چونڊيل نمائندا رضاڪارانه طور تي پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيا هئا ۽ ڇا انهن کي ملڪ جي باقي حصن ۾ زبردستي شامل ڪيو ويو آهي. جيڪو ٻين صوبن جي برعڪس پي ٽي آءِ پختونخواهه ۾ مختلف طريقن سان پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏياري رهي آهي؟

نه. بلڪل نه. پختون خواهه ۾ به چونڊيل نمائندن کي بليڪ ميل ڪري پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويو جيئن سڄي ملڪ ۾. پوءِ ڇا خيبرپختونخواهه جا ماڻهو عمران خان کي پختون سمجهن ٿا ۽ ان ڪري ان سان ڳنڍيل رهڻ ضروري آهي. نه. بلڪل نه. جيڪڏهن اهو عنصر موجود هجي ها ته اتي جي عوام 1997ع، 2002ع يا 2008ع جي چونڊن ۾ عمران خان جي حمايت ڪري ها. پوءِ عمران خان وڌيڪ مقبول ۽ غير متنازع هو هن جا وڏا اسڪينڊل هئا ۽ ماڻهن کي خبر نه هئي ته اقتدار ملڻ بعد عثمان بوزدار ۽ زلفي بخاري سندس سليڪشن ٿيندا. جيڪڏهن اهو عنصر هجي ها ته انهن چونڊن ۾ به ماڻهو عمران خان جو ساٿ ڏين ها. حالانڪ انهن سالن ۾ هو طالبان ۽ آمريڪا مخالف ڪارڊ جو ڀرپور استعمال ڪري رهيو هو ۽ ان وقت تائين اهي حقيقتون سامهون نه آيون هيون جو مخالف ٿيڻ بدران ــ مغربي. اهي بنيادي طور تي مغربي ايجنڊا کي اڳتي وڌائي رهيا آهن.

پوءِ ڇا پي ٽي آءِ پنهنجي ٻن دورن ۾ خيبرپختونخواهه ۾ وڏا انقلابي ۽ غير معمولي ترقياتي ڪم ڪرايا آهن؟ نه. بلڪل نه. پي ٽي آءِ جا ٻئي دور ۽ خاص ڪري ٻيو دور مالي ۽ انتظامي لحاظ کان تاريخ جو بدترين دور ثابت ٿيو. رڳو ٻه وڏا پراجيڪٽ يعني BRT ۽ بلين ٽري سونامي آيا، جيڪي دراصل ڪرپشن جو هماليه ثابت ٿيا. صوبو مالي طور ديوار ٿي ويو. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي 2013ع تائين جيترو قرض صوبي تي ورتو ويو، اهو پي ٽي آءِ جي ڏهن سالن ۾ ٻيڻو ٿي ويو. پر خبر ناهي اها رقم ڪيڏانهن وئي، ملازمن جي پگهارن لاءِ اڄ پئسا ناهن. فاٽا جي آباديءَ کي شامل ڪرڻ ڪانپوءِ وفاق جي روينيو ۾ صوبي جو حصو 19 سيڪڙو ٿيڻو هو، پر پي ٽي آءِ حڪومت جي دور ۾ ان کي 15 سيڪڙو تي منجمد ڪيو ويو اين ايف سي جو اجلاس نه سڏايو ويو.

هن وقت صورتحال اها آهي ته پنج سال گذرڻ باوجود پوليس اسٽيشن به نه آهي. ڪيترن ئي قبائلي ضلعن ۾ ججن ۽ ايس پيز جي ويهڻ لاءِ مناسب جاءِ ناهي. اهڙي طرح فاٽا جو انضمام، جنهن کي ماڻهو ترقي سمجهي رهيا هئا، تباهيءَ ۾ بدلجي ويو ڇا خيبرپختونخواهه ۾ پي ٽي آءِ جي ٻئي ۽ ٽئين سطح جي قيادت عمران خان سان گڏ بيٺل آهي؟ نه. بلڪل نه. پرويز خٽڪ بغاوت ڪري پنهنجي پارٽي ٺاهي آهي. وڏو وزير محمود خان به پرويز خٽڪ سان گڏ ويو آهي. اڳوڻو گورنر شاهه فرمان عمران خان جي بيان جو حامي نه هو.

عمران خان جو چيف آف اسٽاف شبلي فراز غير حاضر آهي ۽ ڪجهه چون ٿا ته اسڪرپٽ موجب غير حاضر آهي. پختون خواهه ۾ به پي ٽي آءِ جا اڳواڻ جيڪي گهر آهن يا ته جيل ۾ آهن. اهي ڪنهن نه ڪنهن جينل سان رابطي ۾ آهن ۽ ڪنهن نه ڪنهن واعدي جي بدلي ۾ جان ڇڏائي رهيا آهن. بلڪه اهي ٽورا جيڪي عمران خان جي شينهن وانگر ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پردي جي پويان طاقتور حلقن کي به خبر پئجي رهيا آهن.

هاڻي جيڪڏهن انهن مان ڪو به سبب ناهي ته پوءِ ڪهڙو سبب آهي ته پختونخواهه جي صورتحال ٻين صوبن کان مختلف آهي؟ مون وٽ سبب هن ريت آهن.

پختون خواهه اسان جي اسٽيبلشمينٽ لاءِ ليبارٽري آهي ۽ ڪو به نئون تجربو اتي ئي ڪيو ويندو آهي. باقي ملڪ کي 2018ع ۾ تعميراتي منصوبي لاءِ ليبارٽري بڻايو ويو پر خيبرپختونخواهه کي پنج سال اڳ 2013ع ۾ ٽيسٽ جي طور تي ليبارٽري بڻايو ويو. ان ڪري اتي جي عوام جا مفاد نسبتاً پي ٽي آءِ ۽ بيوروڪريسي ۾ به وڌيڪ وابسته رهيا. انهن جو اثر سنڌ ۾ مسلم ليگ (نون) يا پيپلز پارٽيءَ جو اوترو ئي اوترو ٿيو آهي.

پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي پرعزم، سمجهدار، محنتي ۽ بهادر آهي. سندس حمايت به مضبوط آهي. جڏهن ته ان جي برعڪس پختونخواهه ۾ مرحوم اعظم خان کي وزيراعليٰ بڻايو ويو هو. جيڪو ڪمزور هئڻ سان گڏ حد کان وڌيڪ شريف به هو. جڏهن ته رٽائرڊ جج جنهن کي وزيراعليٰ بڻايو ويو هو اهو ضرور انتهائي شريف هو. پر انهن کي سياست ۽ انتظامي معاملن جو ڪو به تجربو نه آهي. بهرحال، پي ٽي آءِ کي سڀ کان وڏو فائدو اعظم خان جي اڳوائي ۾ جي يو آءِ، پيپلز پارٽي، نون ليگ ۽ اي اين پي تي مشتمل نام نهاد نگران حڪومت جو ٿيو.

جي يو آءِ کي هن صوبي ۾ پي ٽي آءِ جو متبادل سمجهيو ويندو هو. پر محمود خان جي استعيفيٰ ڪانپوءِ اتي پيهر ڪابينا جوڙڻ کان اڳ ئي هڪ سال اندر جي يو آءِ جي قيادت ۾ سياسي پارٽين ۾ چڪتاڻ پيدا ٿي وئي. جنهن سبب صوبي ۾ جهيڙو ٿي پيو ماڻهو پي ٽي آءِ کي ياد ڪرڻ لڳا. صوبي ۾ هر ڪو چئي ٿو ته پي ٽي آءِ جو دور جي يو آءِ جي حڪومت کان به بدتر هو جنهن ۾ سمورين پارٽين جي اي ٽي ايمز شامل هيون.

خيبرپختونخواهه ۾ پي ٽي آءِ جي بقا جو ٻيو سبب اتي جي ٻين سياسي پارٽين جي عدم دلچسپي يا خراب صورتحال آهي. پي ٽي آءِ وٽ نه اڳ ڪا متبادل قوت هئي ۽ نه اڄ آهي. شريف ڀائرن ماضي ۾ پختون خواهه تي ڌيان ڏنو هو هاڻي ڌيان نه ڏئي رهيا آهن. انهن جو مرڪز پنجاب آهي. زرداري صاحب سنڌ جي خاطر پختون خواهه مان پارٽي جو جنازو به ڪڍي ڇڏيو آهي. جي يو آءِ جي هڪ سال جي مار پنج سال قربان ٿي ويا.

اي اين پي دهشتگردي خلاف جنگ ۾ قربانيون ڏنيون آهن ۽ تنظيم به محنت ڪري رهي آهي پر ايمل ولي خان جي پاليسين جي ڪا به خبر ناهي. اڳي اهي روهڙيءَ جا جشن ملهائيندا هئا. پر هاڻي پارٽيءَ مان سٺن ماڻهن کي ٻاهر ڪڍي رهيا آهن. پرويز خٽڪ جوڙتو آهي پر ڪيس قومي پارٽي جي اڳوائي ڪرڻ جو تجربو ناهي. جيتري قدر جماعت اسلامي جو تعلق آهي ته اها ڪافي عرصي کان محدود آهي. ان مان سڀ کان وڌيڪ فائدو پي ٽي آءِ کي ٿي رهيو آهي ته پيپلز پارٽي، نون ليگ، پرويز خٽڪ، اي اين پي وزيراعليٰ ۽ لاڊلا ٿيڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهيا آهن. هاڻي اندازو لڳايو ته پي ٽي آءِ کي ان کان وڌيڪ سازگار ماحول ٻيو ڪٿي ملي سگهي ٿو جيڪو هن کي مليو آهي.

هي آرٽيڪل روزاني جنگ جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿو

بقايا *** 01

۽ هر زخمي ۾ 5 لک رپين جا چيڪ ورهايا. وزيراعظم گورنر هائوس ۾ منعقد هڪ تقريب دوران متاثرين کي معاوضي جا چيڪ حوالي ڪيا.

بقايا *** 02

رهيا آهيون. بلاول وڌيڪ چيو ته اڄ هڪ تاريخي قدم کنيو ويو آهي، 44 سالن کان پوءِ تاريخ صحيح ٿي رهي آهي، انهي فيصلي سان پاڪستان اڳتي ويندو ۽ ترقي ڪندو. هن چيو ته ڀٽو کي ڦاهي جو ڏيڻ جو فيصلو هڪ اهڙو داغ هو جنهن جي ڪري عوام سمجهندي هئي ته انصاف ملڻ مشڪل ٿي ويو آهي، هاڻ اسان تفصيلي فيصلي جي انتظار ۾ آهيون، تفصيلي فيصلو اچڻ کان پوءِ اسان وڪيلن سان مشاورت ڪنداسين ان کان پوءِ ان تفصيل سان ڳالهائي سگهندس. بلاول ڀٽو ججز ۽ وڪيلن جو ٿورو ادا ڪندي چيو ته انهي فيصلي کان پوءِ اميد آهي ته نظام صحيح رستي تي هلڻ شروع ٿي ويندو.

بقايا *** 03

هئي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جو چوڻ هو ته سپريم ڪورٽ جي راءِ تي سمورن 9 ججن جو اتفاق آهي. سپريم ڪورٽ ڀٽو ڪيس بابت صدارتي ريفرنس تي راءِ ٻڌائيندي چيو آهي ته ذوالفقار علي ڀٽو کي آئين موجب شفاف ٽرائل جو موقعو نه مليو. چيف جسٽس چيو ته ڪنهن به حڪومت پيپلزپارٽي جي حڪومت جو اماڻيل ريفرنس واپس نه ورتو. شهيد ڀٽو کي سزا آئين ۾ ڏنل بنيادي حقن موجب نه هئي، ذوالفقار علي ڀٽو جو ٽرائل شفاف نه هو سپريم ڪورٽ جي راءِ ۾ چيو ويو آهي ته آرٽيڪل 186 تحت ڪنهن به عوامي مفاد بابت قانوني سوال تي صدارتي ريفرنس تي راءِ ڏيڻي هوندي آهي، اسان جي آڏو سوال هو ته ڇا اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي شفاف ٽرائل جو حق مليو؟ سوال هو ته ڀٽو ٽرائل دوران ڊيو پراسس ۽ فيئر ٽرائل جون گهرجون پوريون ڪيون ويون؟ سپريم ڪورٽ ڀٽو ڪيس بابت صدارتي ريفرنس تي راءِ ٻڌائيندي چيو آهي ته ذوالفقار علي ڀٽو کي آئين موجب شفاف ٽرائل جو موقعو نه مليو. چيف جسٽس چيو ته، ڀٽو جي سزا جو فيصلو تبديل ڪرڻ جو ڪو به قانوني طريقيڪار موجود ناهي، ذوالفقار علي ڀٽو جو ٽرائل آئين ۽ قانون موجب ناهي ٿيو چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته جج قانون موجب فيصلا ڪرڻ جا پابند آهن. جيستائين پنهنجون غلطيون تسليم نه ڪنداسين، تيستائين پاڻ کي درست نٿو ڪري سگهجي. سپريم ڪورٽ جي راءِ ۾ چيو ويو آهي ته ريفرنس ۾ 5 سوال اٿاريا ويا آهن. ذوالفقار علي ڀٽي جو آئين موجب شفاف ٽرائل نه ٿيو ڀٽو ٽرائل ۾ بنيادي حقن جي پاسداري نه ڪئي وئي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته عدليا جو ڪم انصاف فراهم ڪرڻ آهي، تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي ڪيس آهن جن ۾ درست فيصلا نه ڪيا ويا. ماضي جي غلطين کي درست ڪرڻ کانسواءِ درست رخ ۾ نٿو وڃي سگهجي. سپريم ڪورٽ چيو ته ملڪ جي وڏن قانوني ماهرن جي مدد سان عدالت پنهنجي مختصر راءِ ڏئي رهي آهي، لاهور هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ ڪارروائي آئين ۾ ڏنل بنيادي حقن آرٽيڪل 4، 109 اي موجب نه هئي. عدالتي راءِ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته عدالت فيئر ٽرائل نه ٿيڻ بابت وڌين آئيني ۽ قانوني خامين جي تفصيلي سبب جي نشاندهي ڪندي، اسلامي تناظر ۾ ڀٽو ٽرائل جو جائزو وٺڻ واري سوال تي عدالت کي مدد فراهم نه ڪئي وئي، انڪري مناسب ناهي ته عدالت ان قانوني سوال تي پنهنجي راءِ ڏئي. سپريم ڪورٽ طرفان صدارتي ريفرنس تي راءِ ٻڌائڻ وقت پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو به عدالت ۾ موجود هو ۽ راءِ ٻڌڻ وقت بلاول ڀٽو لڙڪ لاڙي ويٺو

بقايا *** 04

مبارڪون ڏنيون آهن پنهنجي بيان ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو ته تاريخي غلطي جو ازالو ممڪن ناهي، سنگين غلطي جي اعتراف سان هڪ نئين تاريخ ۽ هڪ نئين روايت قائم ٿي آهي، هن چيو ته عدالت کان ٿيندڙ زيادتي کي عدالت جو درست ڪرڻ هاڪاري اڳڀرائي آهي. ڀٽو ريفرنس ۾ سپريم ڪورٽ جي راءِ تاريخ کي درست نظر ۾ سمجهڻ ۾ مددگار هوندي، ماضي جي غلطين جي درستگي، اختلافن جي خاتمي سان قومي اتحاد ۽ ترقي جو عمل تيز ٿي سگهي ٿو.

بقايا *** 05

مراد علي شاهه سان ملاقات ڪري کيس مبارڪباد ڏني. يو اي اي جي قونصل وڏ وزارت سنڀالڻ تي مراد علي شاهه کي مبارڪباد ڏني ۽ ملاقات ۾ گڏيل عرب امارتن جي سنڌ ۾ سيڙپڪاري تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ٻنهي وچ ۾ اتفاق ٿيو ته اماراتي سيڙپڪارن جو وفد ڪراچي گهرايو ويندو ۽ منصوبن کي به حتمي شڪل ڏني ويندي. هوڏانهن ورلڊ بينڪ واٽر گلوبل ڊائريڪٽر سورج ڪمار سان ملاقات ۾ طئي ٿيو ته ڪراچي واٽر ڪارپوريشن کي بهتر انداز ۾ هلائڻ پوندو ته جيئن اهو پنهنجا خرچ پورا ڪري سگهي، ان جو فنانشل ماڊل بهترين هجڻ گهرجي. ان وقت اهو ادارو پنهنجي بجلي بل جي ادائيگي لاءِ سنڌ حڪومت کان مدد وٺندو آهي. ان موقعي تي وڏي وزير چيو ته ورلڊ بينڪ جي مشاورت تي واٽر بورڊ ۾ سڌارا آندا ويندا. واٽر ڪارپوريشن کي هڪ اثرائتو ۽ بهترين ادارو بڻائڻ تي ڪم ڪري رهيا آهيون.

بقايا *** 06

ليگ ن کان ترجيحي لسٽ طلب ڪئي وئي، اليڪشن ڪميشن جو چوڻ آهي ته پنجاب مان مسلم ليگ ن جي ترجيحي لسٽ مڪمل ٿي وئي آهي، مسلم ليگ ن عورتن جي 9 خالي سيٽن تي ترجيحي لسٽ ڏئي اليڪشن ڪميشن پنجاب مان قومي اسيمبلي جي عورتن جي سيٽن جو شيڊول جاري ڪندي چيو آهي ته مسلم ليگ ن جا اميدوار اڄ کان 9 مارچ تائين نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائين. مسلم ليگ ن جي عورت اميدوارن جي ڇنڊڇاڻ 12 مارچ تي ٿيندي، نامزدگي ڪاغذن خلاف اپيلون 14 مارچ تائين داخل ڪري سگهجن ٿيون، ٽربيونل 16 مارچ تائين اپيلن جي ٻڌڻي ڪندا، نامزدگي ڪاغذ 19 مارچ تائين واپس وٺي سگهجن ٿا. اليڪشن ڪميشن جو چوڻ آهي ته اميدوارن جي حتمي لسٽ 20 مارچ تي پڌري ڪئي ويندي.

بقايا *** 07

مالڪ هاري کي 60 هزار رپيا ڏنا پيا وڃن. صوبائي زراعت کاتي موجب متاثر هاري سبسڊي جي رقم بئنڪ اڪائونٽ يا موبائل فون ذريعي وصول ڪري سگهن ٿا.

بقايا *** 08

. ذريعن موجب مريم اورنگزيب کي منصوبابندي ۽ ترقيءَ جو سينيئر وزير به بڻايو پيو وڃي ۽ کيس ٻيلن ۽ جهنگلي جيوت واري وزارت به ڏني پئي وڃي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪاظم پيرزاده کي آبپاشي ۽ عظميٰ بخاري کي اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت ڏني پئي وڃي. راڻا سڪندر حيات کي پرائمري تعليم، خواجا عمران نذير کي پرائمري هيلٿ، خواجا سلمان رفيق کي اسپيشلائيز هيلٿ، عاشق ڪرماڻي کي زراعت ۽ خليل طاهر سنڌو کي انساني حقن جو قلمدان ڏنو پيو وڃي. ذريعن جو چوڻ آهي ته رميش اروڙا کي اقليتي معاملا، فيصل کوکر کي اسپورٽس، ذيشان رفيق کي ميونسپلٽي، سهيل برڪي کي مواصلات، چوڌري شفيع حسين کي بزنس اينڊ انڊسٽري ۽ شير علي گرچاڻي کي مائنز اينڊ منرل جو قلمدان ڏنو ويو آهي.

بقايا *** 09

وڃن. اسان فوج خلاف ناهيون، نه چڪتاڻ چاهيون ٿا. هن وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪميشن اسان جون مخصوص سيٽون ڪسي جمهوريت جا بخيا اديڙي ڇڏيا. چونڊن ۾ ڌانڌلي اليڪشن ڪميشن ڪئي آهي. اسان ان خلاف پرامن احتجاج ڪرڻ چاهيون ٿا. جمهوريت ۾ پرامن احتجاج هر جماعت جو حق آهي. سندس چوڻ هو ته آءِ ايم ايف کي خط ان ڪري لکيو. چيو ته سياسي استحڪام بنا معاشي استحڪام ممڪن ناهي. اسان جو 70 سيڪڙو پئسو قرض لاهڻ ۾ هليو ويندو آهي.

بقايا *** 10

تي ٻڌائي ٿي. درخواستگذار چيو ته پٽيل پاڙا ۾ 24 ڪلاڪن ۾ رڳو ساڍا 11 ڪلاڪ بجلي ايندي آهي. 79 سيڪڙو ماڻهو بل ڀرين ٿا. جيڪي بل ڀرين ٿا انهن جو ڪهڙو ڏوهه آهي. اعلانيل لوڊشيڊنگ پنهنجي جاءِ، تي پر هاڻ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ به ڪئي پئي وڃي. ڪي اليڪٽرڪ لوڊشيڊنگ کي جائز قرار ڏئي ڇڏيو. ڪي اليڪٽرڪ جي وڪيل چيو ته لوڊشيڊنگ حڪومتي پاليسي موجب ٿي رهي آهي. جسٽس صلاح الدين پنهور وڪيل کان پڇاڻو ڪيو ته جيڪي ماڻهو بل ڀرين ٿا. انهن جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟ وڪيل جواب ڏنو ته هاءِ لاسز ايريا ۾ لوڊشيڊنگ ڪئي ويندي آهي ته جيئن وڌيڪ نقصان کان بچي سگهجي. لوڊشيڊنگ بابت پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو به موجود آهي. جسٽس صلاح الدين پنهور ريمارڪس ڏنا ته هڪ عام شهري توهان جي سامهون بيٺو آهي، لوڊشيڊنگ سان متاثر آهي. ان شهري جو مسئلو توهان ڪيئن حل ڪندئو ڪي اليڪٽرڪ وڪيل چيو ته جتي جتي بجلي چوري ٿيندي آهي اتي ڪارروائي ڪري رهيا آهيون. اسان بجلي چوري جا مختلف ڪيس به داخل ڪيا آهن. بجلي جو ڪنڊو هٽايون ٿا ته ماڻهو وري لڳائي ٿا ڇڏين. ڪي اليڪٽرڪ پٽيل پاڙا ۾ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ لاءِ عدالت کان وقت گهري ورتو. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي ڪي اليڪٽرڪ کي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو

بقايا *** 11

سربراهه ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي سان ٿيندڙ رابطي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. رابطه ڪميٽي جي اجلاس ۾ خالد مقبول صديقي آصف زرداري سان ٽيليفون رابطي بابت آگاهي ڏني جنهن کان پوءِ صدارتي چونڊن ۾ آصف زرداري جي حمايت جو فيصلو ڪيو ويو ايم ڪيو ايم آصف زرداري کي صدارتي چونڊن جي لاءِ ووٽ ڏيڻ تي راضي ٿي وئي آهي. رابطه ڪميٽي جي ميمبرن کي ٻڌايو ويو آهي ته پ پ ايم ڪيو ايم کي آئيني ترميم تي مڪمل تعاون جو مثبت يقين ڏياريو آهي.

بقايا *** 12

الاٽ نه ڪرڻ واري فيصلي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي جسٽس اشتياق ابراهيم ۽ جسٽس شڪيل احمد ڪئي، ٻڌڻي دوران جسٽس اشتياق ابراهيم پڇاڻو ڪيو ته اهي سيٽون ته عورتن ۽ اقليتن جي لاءِ هونديون آهن، جيڪڏهن اوهان کي نه مليون ته پوءِ ڇا اهي خالي رهنديون، جسٽس شڪيل احمد چيو ته اليڪشن ڪميشن چئي ٿو ته چونڊن کان اڳ لسٽ ڏني ويندي، پي ٽي آءِ جي وڪيل قاضي انور چيو ته نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي، اسان چاهيون ٿا ته جن کي سيٽون ڏنيون ويون آهن اهي حلف نه کڻن، عدالت چيو ته اوهان اهو چاهيو ٿا ته انهن کي حلف کڻڻ کان روڪيو وڃي. اسان انهي معاملي جو جائزو وٺنداسين پوءِ ڪو آرڊر جاري ڪنداسين. پشاور هاءِ ڪورٽ قاضي انور جي دليلن کان پوءِ حڪم امتناعي تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو جنهن کان پوءِ فيصلو ٻڌائيندي عدالت قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي سيائي تائين ميمبرن کان حلف نه کڻڻ جو حڪم امتناع جاري ڪيو. پشاور هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي پري ايڊميشن نوٽيس جاري ڪندي سيائي تائين جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. عدالتي حڪم ۾ سوال ڪيو ويو آهي ته ڇا هن عدالت وٽ فيصلو معطل ڪرڻ جو اختيار آهي؟ ڇا مخصوص سيٽن لاءِ پشاور هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪري سگهجي ٿو؟ پشاور هاءِ ڪورٽ اٽارني جنرل ۽ ايڊووڪيٽ جنرل کي عدالتي مدد جي لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو جڏهن ته عدالت لارجر بينچ جي جوڙجڪ لاءِ ڪيس چيف جسٽس ڏانهن اماڻي ڇڏيو عدالت اليڪشن ڪميشن، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي نوٽيس جاري ڪندي ٻڌڻي سيائي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 13

11 مارچ تي پشاور ۾ طلب ڪيو ويو آهي، اجلاس جي صدارت ڪميٽي جو چيئرمين سيد عبدالخبير آزاد ڪندو رمضان جي چنڊ جي رويت لاءِ زونل ڪميٽين جا اجلاس مقرر هنڌن تي ٿيندا، ان حوالي سان فلڪيات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته گهڻن اسلامي ملڪن ۾ رمضان جي شروعات 12 مارچ تي ٿيڻ جي اميد آهي، موسميات کاتي جي ترجمان موجب 10 مارچ تي چنڊ جي پيدائش جو امڪان آهي، سنڌ ۽ پنجاب ۾ رمضان المبارڪ جو چنڊ نظر اچڻ جا ڏکيا امڪان آهن.

بقايا *** 14

دعويٰ ڪئي وئي هئي، جنهن کان پوءِ اڄ 14 مهاڻن جي گم ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، گم ٿيل 14 مهاڻن جي وارثن ميري ٽائيم ۽ انتظاميا کي گم ٿيل مهاڻن جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪري ڇڏي آهي، ان حوالي سان فشر فوڪ جي اڳواڻ ڪمال شاهه ٻڌايو ته ٻيڙي اونڌي ٿيڻ جي اصل وڊيو ۽ حقيقت سامهون اچي وئي آهي آخري اطلاعن تائين 14 ماهيگير اڃان تائين گم آهن، ڪالهه اسان کي موٽي آيل ماهيگيرن گمراهه ڪيو ته سڀ ماهيگير زنده واپس اچي چڪا آهن جڏهن ته اڃان تائين 14 ماهيگير گم آهن گم ٿيل مهاڻن ۾ عالم بنگالي، رياض بنگالي، احمد بنگالي، شڪيل بنگالي، سجاد بنگالي، نورعالم بنگالي، رحيم بنگالي، شير ملاح، رياض اشرف، سجاد، قيوم بهاري، حسين پرڙهو ۽ ٻيا ماهيگير آخري اطلاعن تائين گم آهن.

بقايا *** 15

جو اعلان ڪيو آهي، جڏهن ته تباهه ٿيندڙ گهرن جي اڏاوت لاءِ 7 لک ۽ جزوي طور نقصان پهتل گهرن جي تعمير لاءِ 3 لک رپيا امداد جو اعلان ڪيو. گورنر هائوس پشاور ۾ برسات متاثرن سان گفتگو ڪندي وزيراعظم چيو ته طوفاني برساتن سان صوبي ۾ وڏي تباهي ٿي، توهان سان تعزيت جو اظهار ڪرڻ آيو آهيان، هن چيو ته صوبائي حڪومت سان گڏجي جيڪو ٿي سگهيو اهو ڪنداسين. پاڪستان موسمياتي تبديلي سان متاثر ملڪن ۾ شامل آهي. اڳرائي قدم نه کنياسين ته ايندڙ نسل معاف نه ڪندا.

بقايا *** 16

جي عام چونڊن ۾ شفافيت جو اسڪور گذريل ٻن چونڊن جي ڀيٽ ۾ گهٽ ترين رهيو، رپورٽ موجب عام چونڊن ۾ مجموعي طور تي شفافيت جو اسڪور 49 سيڪڙو رهيو، جيڪو 2018 جي عام چونڊن جي حاصل ڪيل اسڪور کان 3 سيڪڙو پوائنٽس گهٽ آهي، واضح رهي ته 2013 ۽ 2018 جي عام چونڊن ۾ شفافيت جو اسڪور ترتيب وار 57 ۽ 52 سيڪڙو هو، پلڊاٽ موجب 2013 کانپوءِ ان اسڪور ۾ مسلسل گهٽتائي پاڪستان ۾ جمهوري عمل ڪمزور هجڻ جي علامت آهي ۽ چونڊ نظام ۾ عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ جي تڪڙين ضرورتن کي ظاهر ڪري ٿو رپورٽ ۾ انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ، پلڊاٽ سڄي چونڊ عمل ۾ شفافيت ۽ احتساب جا قدم وڌائڻ جي سفارش ڪئي آهي، گڏوگڏ اليڪشن ڪميشن کان مطالبو ڪيو آهي ته نتيجا جوڙڻ، انهن جي پهچ ۽ انضمام جي حوالي سان 2024 جي عام چونڊن دوران ٿيندڙ دير ۽ خامين جي مڪمل جاچ ڪئي وڃي.

بقايا *** 17

دي پلاننگ محمد ايوب شيخ، شڪيل قريشي، زهرا دستگير، سردار شاهه، الاهي بخش ڀٽو ۽ صديق ٽنيو پڻ موجود هئا. ملاقات دوران سي اي او واٽر ڪارپوريشن پاران وفد کي واٽر ڪارپوريشن جي آپريشنز ۽ موثر سروس ڊليوري جي حڪمت عملي بابت آگاهي ڏني، هن وفد کي اداري جي سڌارن، موثر خدمتن جي فراهمي، آمدني ۾ واڌ ۽ نجي شعبي جي شموليت تي عالمي بئنڪ سان تعاون جي عزم جي روشني ۾ ڪارپوريشن جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ جامع روڊ ميپ پڻ پيش ڪيو. ان موقعي تي ورلڊ بئنڪ جي وفد پاران انتظاميه جي انهن سمورن شعبن ۾ کنيل قدمن کي ساراهيندي غير قانوني هائيڊرنٽس خلاف ڪامياب آپريشن جي تعريف ڪئي. ملاقات دوران ورلڊ بئنڪ جي گلوبل ڊائريڪٽر سروج ڪمار جها يوٽيلٽي کي سڌارڻ، روينيو ۾ اضافي نجي شعبي جي شموليت وڌائڻ ۽ ڪراچي شهر کي پائيدار پاڻي جي فراهمي جي ذريعي يوٽيلٽي کي خود مختيار ۽ سياسي طور تي آزاد بڻائڻ تي انتظاميه جي واکاڻ ڪئي ۽ انهن جي شاندار منصوبن کي پڻ ساراهيو. ان موقعي تي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ڪراچي جي عوام کي موثر سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورا ضروري فيصلا ڪرڻ لاءِ حڪومت جي سهڪار جي خاطري بابت پڻ آگاهه ڪيو. هن وفد کي عالمي بئنڪ ۽ واٽر ڪارپوريشن جي وچ ۾ تعاون جي ٻين موقعن جهڙوڪ يو سي سطح تي ڪميونٽي بيسڊ ۽ آر او پلانٽس جي ترقي بابت پڻ آگاهي ڏني. ميئر ڪراچي وفد کي واٽر ڪارپوريشن جي گرين انرجي جي خاصيت خاص طور تي سولر ۽ ونڊ انرجي بابت مستقبل جي منصوبن جي ترقي لاءِ گڏيل دلچسپي جي شعبن کان آگاهه ڪيو. ان موقعي تي عالمي بئنڪ جي وفد شهر ۾ خدمتن جي بهتري لاءِ ميئر ڪراچي جي ڪوششن کي ساراهيندي وڌيڪ موثر خدمتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڄاڻايل منصوبن لاءِ پنهنجي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو ان موقعي تي وفد هائيڊرنٽ مينيجمينٽ اينڊ مانيٽرنگ سينٽر جو دورو ڪري ڪارپوريشن کي وڌيڪ موثر ۽ خدمت تي ٻڌل اداري ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ سي اي او واٽر ڪارپوريشن جي ڪوششن کي ساراهيندي هائيڊرنٽ مينيجمينٽ اينڊ مانيٽرنگ سينٽر قائم ڪرڻ ۽ بي مثال آپريشنز ڪرڻ تي سندس تعريف ڪئي.

بقايا *** 18

جاري ڪندي چيو ته جيڪڏهن ايڪس جي بندش بابت ڪو اٿارٽو جواز نه پيش ڪيو ويو ته توهين عدالت جي ڪارروائي ٿيندي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ سوشل ميڊيا ايپ ايڪس جي بندش جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. عدالت توهين عدالت جي درخواست تي لکت حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو عدالت پي ٽي اي جي چيئرمين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو ۽ چيو ته ايڪس جي بندش تي اٿارٽو جواز پيش نه ڪيو ويو ته توهين عدالت جي ڪارروائي ٿيندي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ايڪس جي بحالي بابت جاري منع نامي ۾ واڌ ڪري ڇڏي ۽ عدالتي حڪم وفاقي حڪومت، پي ٽي اي سميت ٻين کي موڪلڻ جو حڪم ڏنو.

بقايا *** 19

مريم نواز به موجود هئي حلف کڻندڙن ۾ مريم اورنگزيب، عظميٰ بخاري، عاشق حسين ڪرماڻي، بلال ياسين، مجتبيٰ شجاع الرحمان، سهيل شوڪت بٽ، سلمان رفيق، خواجا عمران نذير، ذيشان رفيق، ملڪ صهيب احمد، شير علي گورچاڻي، رميش سنگهه ۽ خليل طاهر سنڌو شامل آهن.

بقايا *** 20

جي پڇا ڪرڻ تي سسئي لوهار چيو ته منهنجي والد هدايت لوهار جي قتل کي 20 ڏينهن گذري چڪا آهن. قاتلن کي گرفتار نه پيو ڪيو وڃي. پوليس سي سي ٽي وي فوٽيج به ضايع ڪري ڇڏيا آهن. چيف جسٽس عقيل عباسي چيو ته جوابدار ڪيترا به بااثر ڇو نه هجن انهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ بيهاريو. چيف جسٽس چيو ته هن قتل ڪيس جي مان پاڻ نگراني ڪندس. سسئي لوهار انصاف جي خاطري ڪرائڻ تي چيف جسٽس جا ٿورا مڃيا

بقايا *** 21

۾ 4 ڄڻا مارجي ويا آهن جهيڙي دوران مارجي ويلن جي سڃاڻپ حاڪم جمالي، شوڪت جمالي، ارباب جمالي ۽ دوست محمد جمالي جي نالي طور ٿي آهي. فتح پور ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڏرڪري اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻو زميني تڪرار هلندڙ هو جنهن جي نتيجي ۾ واقعو پيش آيو آهي. جديد هٿيارن سان فائرنگ سبب علائقي ۾ خوف واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. ان حوالي سان ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته فائرنگ جو سلسلو صبح کان شروع آهي جيڪو هن وقت تائين جاري آهي.

بقايا *** 22

ايمبولينس ذريعي فوري طور تي زخمين کي طبي امداد جي لاءِ سول اسپتال جي برنس وارڊ منتقل ڪيو ويو. خواجه اجمير نگري پوليس ٻڌايو آهي ته نارٿ ڪراچي سيڪٽر فائيو سي فور جي گهر نمبر ايل 246 ۾ رهندڙ 45 ورهين جي عارف ولد بشير پنهنجي 3 ٻارن کي پاڻ سان گڏ گهر جي ويجهو آڪلينڊ گرائونڊ ۾ وٺي باهه ڏئي ڇڏي جنهن سبب 45 ورهين جو عارف ان جون 2 ڌيئرون 4 ورهين جي ايمان فاطمه ۽ 5 ورهين جي حوريه جڏهن ته 3 ورهين جو پٽ غلام حسين سڙي زخمي ٿي پيا. پوليس موجب شروعاتي جاچ ۾ خبر پئي آهي ته 3 ٻارن سميت پاڻ کي باهه ڏيندڙ عارف فروٽ جو ٺيلهو لڳائيندو هو جنهن 2 شاديون ڪيون هيون، باهه ڏيندڙ عارف جي سس ٻڌايو ته عارف ڪيترن ئي ماڻهن جو قرضي هو، کيس 3 ٻار پهرين زال مان هئا جيڪا فوت ٿي وئي هئي، عارف ۽ 3 ٻار ٻي زال سان گڏ رهي رهيا هئا. عارف جي ماٽيلي پٽ امان صحافين سان ڳالهيون ڪندي ٻڌايو ته منهنجو پيءُ ذهني طور تي پريشان هو مهانگائي هجڻ سبب گهر جو گاڏو نه پئي هلي سگهيو جنهن ڪري والد قرضي ٿي ويو هو جنهن ڪان پوءِ هُن انتهائي قدم کنيو ٻڌايو پيو وڃي ته عارف سول اسپتال جڏهن ته سندس 3 ٻار نيشنل انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ ۾ علاج هيٺ آهن.

بقايا *** 23

نواز جا گرفتاري وارنٽ معطل ڪرڻ جون درخواستون داخل ڪيون ويون آهن احتساب عدالت ۾ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري، اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف ۽ يوسف رضا گيلاني خلاف توشه خانه گاڏي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، احتساب عدالت جي جج ناصر جاويد راڻا توشه خانا گاڏين بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. نواز شريف جو وڪيل قاضي مصباح، درخواستگذار راڻا عرفان، پراسيڪيوٽر عثمان مسعود احتساب عدالت ۾ پيش ٿيا. پراسيڪيوٽر عثمان مسعود عدالت کي استدعا ڪئي ته جاچ آفيسر ٻڌائي ته توشاخانا گاڏين بابت ڪهڙي رپورٽ آهي، جاچ آفيسر کي نوٽيس جاري ڪيو وڃي، احتساب عدالت جي جج ناصر جاويد راڻا چيو ته جاچ آفيسر کي نوٽيس جاري ڪيا وڃن، جوابدار ڪير آهن؟ حاضري پري، ان سان گڏ احتساب عدالت حڪم ڏنو ته جاچ آفيسر کي 19 مارچ تي طلب ڪيو وڃي، نواز شريف جي وڪيل قاضي مصباح چيو ته ايون فيلڊ ريفرنس تي درخواستون داخل ڪرڻ چاهيان ٿو، حسن نواز ۽ حسين نواز جون درخواستون آهن، ايون فيلڊ ريفرنس ۾ حسن نواز ۽ حسين نواز اشتهاري آهن، ٻئي 12 مارچ تي پاڪستان ايندا. هڪ منصوبو آهي، ٻئي پاڪستان واپس وڃڻ چاهين ٿا، احتساب عدالت جي جج ناصر جاويد راڻا چيو ته حسن نواز ۽ حسين نواز کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن وڪيل قاضي مصباح چيو ته سيائي نوٽيس ڏيو، ننڍي ڳالهه آهي، نيب پراسيڪيوٽر عثمان مسعود چيو ته احتساب عدالت جيئن ٿي نوٽيس وٺي، وڪيل قاضي مصباح چيو ته حسن نواز ۽ حسين نواز عدالت ۾ پيش ٿيڻ چاهين ٿا، احتساب عدالت حڪم ڏنو ته حسن نواز ۽ حسين نواز جي درخواستن تي سيائي لاءِ نوٽيس جاري ڪيا وڃن. حسن نواز ۽ حسين نواز جي فليگ شپ ۽ العزيزيه ريفرنسز تي به درخواستون داخل ڪيون ويون، جنهن تي عدالت سيائي لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. ٽنهي ريفرنسز ۾ حسن نواز ۽ حسين نواز جا گرفتاري وارنٽ معطل ڪرڻ لاءِ درخواستون پڻ داخل ڪيون ويون.

بقايا *** 24

تي اٽارني جنرل کي طلب ڪري ورتو چيف جسٽس چيو ته پابندي پيل هٿيارن جا لائسنس رکڻ جي ڪيٽيگري ۾ پنهنجو نالو بنا اجازت جي شامل ڪيو ويو، مان ان معاملي تي خط لکيو هو جنهن جو جواب نه ڏنو ويو، مون لاءِ قانون ۾ خاص رعايت ملڻ شرم جوڳي آهي، ٿي سگهي ٿو ته ان معاملي ۾ عدالتي مددگار مقرر ڪيون، هن چيو ته ڪلاشنڪوف ڪو رانديڪو ناهي، پبلڪ سرونٽ جو مقصد عوام جي خدمت ڪرڻ هوندو آهي، اسڪولن ۾ وڃو ته اتي سيڪيورٽي گارڊ هٿيار کڻي بيٺا هوندا آهن، هٿيار کنيل شخص بابت ڪيئن خبر پوندي ته هو دهشتگرد آهي يا نه. شام جو اسلام آباد ۾ ڏسو ڇا ٿيندو آهي، اميد آهي ته نئين حڪومت جي ان معاملي تي ڪي قدم کڻندي. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته ڪير به عوام جو نه ٿو سوچيندو، سوشل ميڊيا تي هٿيارن جي نمائش جون وڊيوز موجود آهن ۽ هٿيارن لاءِ وڏين شخصيتن جون به وڊيوز آهن، اسان ڪنهن جو نالو کڻي ان کي شرمندو نٿا ڪرڻ چاهيون، اسان کي پنهنجي ٻارن جو مستقبل بهتر بڻائڻو آهي، آءِ جي به پوليس جي قافلي سان گڏ سفر ڪندو آهي، ڪيستائين قانون سان مذاق ٿيندو رهندو، جڏهن بر قاتن ته پٽيون وڌيون ڪيون وينديون آهن. جسٽس مسرت هلالي پڇاڻو ڪيو ته پارليامينٽ ميمبرن کي به اجازت آهي ته اهي ٽيبل تي هٿيار رکي ويهن. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته شادي تقريبن ۾ هٿيارن جي نمائش ڪئي ويندي آهي

بقايا *** 25

۽ فيئر ٽرائل نه مليو سپريم ڪورٽ کي 50 سال لڳي ويا، ڇا عمران خان جي فيئر ٽرائل لاءِ به قوم کي 50 سال انتظار ڪرڻو پوندو. پي ٽي آءِ ترجمان موجب ذوالفقار علي ڀٽو معاملي ۾ عدالتي راءِ رڳو ان ئي صورت ۾ بامقصد ٿي سگهي ٿي ته عدالت عظميٰ اڄ لاقانونيت جو رستو روڪڻ لاءِ ڀرپور قوت استعمال ڪري، پي ٽي آءِ مطالبو ڪيو آهي ته عمران خان ۽ سندس گهرواري سميت تحريڪ انصاف جي قيد اڳواڻن ۽ بي ڏوهه ڪارڪنن کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي ۽ فيئر ٽرائل ذريعي انهن خلاف ڪوڙن ڪيسن جا فيصلا ڪيا وڃن.

بقايا *** 26

هلندڙ سال جنوري جي پڄاڻي تي حڪومت جو مجموعي قرض 64 هزار 842 ارب رپيا رهيو، جيڪو گذريل سال ڊسمبر کان 346 ارب رپيا گهٽ آهي. جنوري ۾ حڪومت جي مقامي قرض ۾ 38 ارب رپين جي واڌ ٿي. جڏهن ته ٻاهرين قرض 384 ارب رپيا گهٽيو مرڪزي بئنڪ موجب ڊسمبر جي ڀيٽ ۾ جنوري ۾ ڊالر جو اگهه 2 رپيا 30 پئسا گهٽ ٿيو هڪ سال دوران حڪومت جو قرض 9 هزار 820 ارب رپيا وڌيو آهي. جنهن ۾ 8 هزار 291 ارب رپيا مقامي ۽ هڪ هزار 528 ارب رپيا ٻاهرين قرض آهي. مرڪزي بئنڪ موجب هڪ سال ۾ ڊالر 11 رپيا 70 پئسا مهانگو ٿيو آهي.

بقايا *** 27

وٺي سعودي گهرو وزارت موجب مٿين 5 پاڪستانين هڪ خانگي ڪمپني ۾ ڦرلٽ ڪئي ۽ بنگلاديش جي چوڪيدار انيس ميان کي قتل ڪيو سڪيورٽي ادارن واقعي جي جاچ ڪندي پنجن ئي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو عدالت 5 پاڪستانين ارشد علي ديبر محمد اسماعيل، عبدالمجيد حاجي نورالدين ۽ عبدالغفار محمد سوما، خالد حسين پنچو قربان علي ۽ عبدالغفار ميربحر لطف الله کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي. سعودي اپيليٽ ڪورٽ فيصلي کي برقرار رکيو جڏهن ته سعودي شاهي هائوس پنجن ڏوهارين کي موت جي سزا جي حتمي فيصلي تي عملدرآمد جي منظوري ڏئي ڇڏي، جنهن تي گذريل ڏينهن عملدرآمد ڪيو ويو

بقايا *** 28

اورنگزيب کي ناڻي وارو وزير، خواجا آصف کي بچاءُ ۽ اسحاق ڊار کي پرڏيهي وزير بڻائڻ جو امڪان آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته احسن اقبال کي رٿابندي ۽ ترقي ۽ نجڪاري واري وزارتن جو قلمدان ڏيڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته عطا تارڙ کي اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت جو قلمدان ملڻ جو امڪان آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته راڻا ثناءَ الله کي گهرو معاملن بابت خاص مددگار جڏهن ته شمشاد اختر کي ناڻي بابت خاص مددگار بڻائڻ جو امڪان آهي ذريعن موجب امير مقام کي آبي وسيلن ۽ مصدق ملڪ کي پيٽروليم ۽ توانائي واري وزارت جو قلمدان ڏيڻ جو امڪان آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته ايم ڪيو ايم جي مصطفيٰ ڪمال کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو وزير بڻائڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته فيصل سبزواري کي پورٽس اينڊ شپنگ ۽ فاروق ستار کي وزارت ڏيڻ جو امڪان آهي.

بقايا *** 29

. جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڪدڙا فقير ۽ هڪ واٺهڙو زخمي ٿي پيو. جن کي اسپتال نيو ويو پوليس ٻڌايو ته ڪدڙو فقير عمر نواب عرف عاصم شاهه زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو جڏهن ته ڪدڙو فقير مقصود عرف گرمه ۽ عرفان عرف بجلي زخمي آهن. واقعي ڪانپوءِ پوليس جوابدارن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي ۽ سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان جوابدارن جي ڳولا شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 30

ورتو جوابدار پاڻ کي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار ظاهر ڪري گهرن ۾ ڦر ڪندا هئا. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار 22 سيپٽمبر 2023 تي قانون لاڳو ڪندڙ آفيسرن جو روپ ڌاري شهري جي گهر ۾ داخل ٿيو پوليس موجب جوابدار بندوق جي زور تي گهر مان روڪ رقم ۽ موبائل فون چوري ڪري ويا. جوابدار شهري کي به ڦر ڪري ويا. جنهن بعد رقم وصول ڪري آزاد ڪيو ويو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته مقتول جي فرياد تي سرجاني ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 31

توهان آيتم بم ٺاهيو پر ڪري ڪجهه نٿا سگهو لاهور ۾ جمعيت لائرز فورم پنجاب سان خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان رياست جي اهميت کي سمجهون ۽ رياست ۾ رهندڙ قوم کي سمجهون. آئين اسان لاءِ هڪ مثالي حيثيت رکي ٿو. جنهن وقت اهو آئين ٺاهيو ويو ان وقت ملڪ ٽٽي چڪو هو. هن چيو ته فيلڊ مارشل ايوب خان خلاف تحريڪ شروع ٿي ته ملڪ جي سياست ٻن حصن ۾ ورهايل هئي. هڪ پاسي سمورين سياسي جماعتون شريڪ هيون. ايوب خان سان ڳالهيون ٿيون ۽ ٻن ڳالهين تي اتفاق ٿي ويو. ملڪ اندر پارلياماني حڪومت هجي ۽ قوم کي ووٽ جو حق ڏنو وڃي. ذوالفقار ڀٽو جو چوڻ هو ته صدارتي طرز جي حڪومت هجي. 1973 ۾ مستقل آئين ٺهيو ته ذوالفقار ڀٽو به پارلياماني حڪومت تي متفق ٿيو سندس چوڻ هو ته ملڪ ۾ آئين محفوظ ناهي رهيو، مان پ پ ۽ ن ليگ کان به سوال ڪيان ٿو ته توهان کي 2018 کان به گهٽ مينڊيٽ مليو اسان ان وقت به ڌانڌلي کي قبول نه ڪيو هو ۽ اڄ به نه ڪنداسين. هتي پارليامينٽ جو نظام ئي هلندو نه ته نه هلندو. اسان جو اڄ به اختلاف آهي ته فيصلا عوام کي ڪرڻا آهن يا اسٽيبلشمينٽ کي. قانون سازي عوام کي ڪرڻي آهي يا ٻاهران ڊڪٽيٽ ٿيڻي آهي؟ مولانا فضل الرحمان چيو ته پاڪستان جي عدليا جو فيصلو مثال طور دنيا ۾ ڪٿي پيش ڪيو ويندو آهي؟ ڀٽو کي ان ئي عدالت ڦاهي ڏني، اڄ چئي ٿي ته ٽرائل ٺيڪ نه ٿيو ڀٽو ڦاهي چڙهي ويو ۽ هاڻ چون ٿا ته فيصلو غلط هو هن چيو دنيا سامهون اسان جي عدليا جي تصوير ائين پيش ڪئي ويندي آهي ته ڪنهن کي اقتدار ۾ آڻڻو آهي ته هڪ هفتي ۾ سؤ ڪيس ختم ٿي ويندا آهن ۽ اقتدار تان هٽائڻو آهي ته سؤ ڪيس ٺهي ويندا آهن.

بقايا *** 32

الاٽ نه ڪرڻ واري فيصلي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي جسٽس اشتياق ابراهيم ۽ جسٽس شڪيل احمد ڪئي، ٻڌڻي دوران جسٽس اشتياق ابراهيم پڇاڻو ڪيو ته اهي سيٽون ته عورتن ۽ اقليتن جي لاءِ هونديون آهن، جيڪڏهن اوهان کي نه مليون ته پوءِ ڇا اهي خالي رهنديون، جسٽس شڪيل احمد چيو ته اليڪشن ڪميشن چئي ٿو ته چونڊن کان اڳ لسٽ ڏني ويندي، پي ٽي آءِ جي وڪيل قاضي انور چيو ته نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي، اسان چاهيون ٿا ته جن کي سيٽون ڏنيون ويون آهن اهي حلف نه کڻن، عدالت چيو ته اوهان اهو چاهيو ٿا ته انهن کي حلف کڻڻ کان روڪيو وڃي. اسان انهي معاملي جو جائزو وٺنداسين پوءِ ڪو آرڊر جاري ڪنداسين. پشاور هاءِ ڪورٽ قاضي انور جي دليلن کان پوءِ حڪم امتناعي تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو جنهن کان پوءِ فيصلو ٻڌائيندي عدالت قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي سيائي تائين ميمبرن کان حلف نه کڻڻ جو حڪم امتناع جاري ڪيو. پشاور هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي پري ايڊميشن نوٽيس جاري ڪندي سيائي تائين جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. عدالتي حڪم ۾ سوال ڪيو ويو آهي ته ڇا هن عدالت وٽ فيصلو معطل ڪرڻ جو اختيار آهي؟ ڇا مخصوص سيٽن لاءِ پشاور هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪري سگهجي ٿو؟ پشاور هاءِ ڪورٽ اٽارني جنرل ۽ ايڊووڪيٽ جنرل کي عدالتي مدد جي لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو جڏهن ته عدالت لارجر بينچ جي جوڙجڪ لاءِ ڪيس چيف جسٽس ڏانهن اماڻي ڇڏيو عدالت اليڪشن ڪميشن، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي نوٽيس جاري ڪندي ٻڌڻي سيائي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 33

اورنگزيب کي ناڻي وارو وزير، خواجا آصف کي بچاءُ ۽ اسحاق ڊار کي پرڏيهي وزير بڻائڻ جو امڪان آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته احسن اقبال کي رٿابندي ۽ ترقي ۽ نجڪاري واري وزارتن جو قلمدان ڏيڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته عطا تارڙ کي اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت جو قلمدان ملڻ جو امڪان آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته راڻا ثناءَ الله کي گهرو معاملن بابت خاص مددگار جڏهن ته شمشاد اختر کي ناڻي بابت خاص مددگار بڻائڻ جو امڪان آهي ذريعن موجب امير مقام کي آبي وسيلن ۽ مصدق ملڪ کي پيٽروليم ۽ توانائي واري وزارت جو قلمدان ڏيڻ جو امڪان آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته ايم ڪيو ايم جي مصطفيٰ ڪمال کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو وزير بڻائڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته فيصل سبزواري کي پورٽس اينڊ شپنگ ۽ فاروق ستار کي وزارت ڏيڻ جو امڪان آهي.

بقايا *** 34

سيڪڙو پوائنٽس گهٽ آهي. واضح رهي ته 2013 ۽ 2018 جي عام چونڊن ۾ شفافيت جو اسڪور ترتيب وار 57 ۽ 52 سيڪڙو هو پلڊاٽ موجب 2013 کانپوءِ ان اسڪور ۾ مسلسل گهٽتائي پاڪستان ۾ جمهوري عمل ڪمزور هجڻ جي علامت آهي ۽ چونڊ نظام ۾ عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ جي تڪڙين ضرورتن کي ظاهر ڪري ٿو رپورٽ ۾ انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ، پلڊاٽ سڄي چونڊ عمل ۾ شفافيت ۽ احتساب جا قدم وڌائڻ جي سفارش ڪئي آهي، گڏوگڏ اليڪشن ڪميشن کان مطالبو ڪيو آهي ته نتيجا جوڙڻ، انهن جي پهچ ۽ انضمام جي حوالي سان 2024 جي عام چونڊن دوران ٿيندڙ دير ۽ خامين جي مڪمل جاچ ڪئي وڃي.

فاران شوگر مل انتظاميه پاران پورهيتن کي سالن کان پنج پرسينٽ بونس نه ڏيڻ خلاف احتجاج

قانوندان ايڊووڪيٽ جي اير لغاري، پيپلز مزدور يونين جي صدر منور مغل ٻين ليٽر جاري ڪري ڇڏيو

اي سي ٽنڊومحمدخان ۽ ايس ايڇ او شيخ پرڪيو کي ڊرٽي جي حوالي سان ليٽر جاري ڪيو ويو آهي: جي اير لغاري

ٽنڊو محمدخان (ڊر اير علي بروهي) فاران شوگر مل انتظاميه پاران پورهيتن کي ڪيترن ئي سالن کان پنج پرسينٽ بونس نه ڏيڻ خلاف 9 مارچ تي رٿيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

شڪارپور پوليس پاران پوليو ورڪر نعيم اختر ٻيڙو کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

نعيم اختر ٻيڙو کي حساس ادارن جي مدد سان ٽارگيٽيڊ آپريشن دوران باحفاظت بازياب ڪرايو ويو

مغوين جي بازيابي لاءِ سينيئر ۽ تجربيڪار پوليس آفيسرن ۽ آر ٽي اسٽاف تي اسپيشل ٽيم جوڙي هئي

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس پاران پوليو ورڪر کي بازياب ڪرائڻ جي دعوي. ڪجهه ڏينهن اڳ ناپرڪوٽ ٿاڻي جي حد مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

تنظيمات اهلسنت جي سڏ تي گلاب لغاري ويجهو تاريخي ماڳ اگهمر ڪوٽ ۾ قبضن خلاف احتجاج

اوقاف کاتي جي سرپرستي ۾ قبضا مافيا طرفان ڪوٺائي ڪري اڏاوتن جي آڙ ۾ قبرن جي بي حرمتي ٿيڻ لڳي

تنظيمات اهلسنت پاران سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ سيد مظفر علي شاه پير آف رتوديرو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

گلاب لغاري (رپورٽر: گلزار لغاري) تنظيمات اهلسنت جي سڏ تي گلاب لغاري ويجهو مبينا طور سنڌ جي تاريخي ماڳ اگهمر ڪوٽ جي قبرستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

تعلقه پريس ڪلب واره جي سال 2024 جي نئين جنرل باڊي جي چونڊ، اتفاق راءِ سان عهديدار مقرر

پريس ڪلب اليڪشن ۾ صدر عبدالجبار ٽنيو، ۽ جنرل سيڪريٽري طالب حسين چانڊيو کي مقرر ڪيو ويو

آرگنائيزنگ ڪاميٽي پاران چيف آرگنائيزر بشيرلطيفي جي صدارت هيٺ پريس ڪلب جي آفيس ۾ ٿي گڏريو

واره (رپورٽر) تعلقه پريس ڪلب واره جي سال 2024 جي نئين جنرل باڊي جي چونڊ گڏيل اتفاق راءِ سان اليڪشن ٿي گڏري، جنهن ۾ صدر عبدالجبار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

نئون ديرو جي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي ميزباني ۾ ڪتابي ميلو منعقد، ساجاهه وند شريڪ

ميلي جو افتتاح ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين اعجاز احمد لغاري ۽ پ پ اڳواڻ نثار محمد مراد ڪيو

عبدالخالق پٽو، ڪاليج جي پرنسپال محمد عتيق سومرو، استادن عابد سڪندر ڪوڪر، سرفراز احمد شريڪ ٿيا

نئون ديرو (رپورٽ شاه محمود پٽو) نئون ديرو جي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ۾ ڪتابي ميلو لڳايو ويو ڪتابي ميلي جو افتتاح ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين اعجاز احمد لغاري ڪيو جڏهن ته پارٽي اڳواڻ منصور سومرو سميت ڊائريڪٽر ڪاليجز لاڙڪاڻو /بقايا پڙهو صفحو3

مڪلي لڳ درگاه محمد علي شاه ويجهو ڦورن رڪشا ڊرائيور کان 18 هزار ڦري ويا

روڪ رقم ڦرڻ بعد سندس رڪشه کي ٽوڙي ڪيس پسٽل جا ڪندا هڻي زخمي ڪري ڇڏيو

ڳوٺاڻن ڦرجي ويل زخمي ڊرائيور سومار سمون کي سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو، ڪيس داخل نه ٿيو

ٺٽو (ٻ) مڪلي لڳ درگاه محمد علي شاه ويجهو مڪلي/گجو روڊ تي 3 نامعلوم هٿياربند ڦورن هٿيارن جي زور تي هڪ رڪشه کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 42

بدامني تي ضابطو نه آيو، شهري پنهنجي هٿن سان ڦرجڻ لڳا، پوليس اگهور ننڊ سُتل

اڻڄاتل ڦورو ديده دليري سان مقامي صحافي منصور چانڊيو جي گهرياتين کان ڦر ڪري ويا

روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، ڦر واقعي جا سي سي ٽي وي فوٽيج هٿ اچي ويا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) بدامني تي ضابطو نه آيو شهري پنهنجي هٿن سان ڦرجڻ لڳا پوليس اگهور ننڊ سُتل دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ مڇي مارڪيٽ روڊ وٽ اڻڄاتل ڦورو ديده دليري سان مقامي صحافي منصور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 39

دادو ۾ عورتن پاران معصوم ٻارڙن سان گڏ پوليس خلاف هٿن ۾ قرآن شريف کڻي احتجاج

اسان جو نوجوان پوليس اهلڪار محمد علي ڪوري کي ڪوارٽر گارڊ ڪيو ويو آهي: مظاهرين

انساني حقن جي تنظيمون اسان جي احتجاج جو فوري نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ عورتن پاران پنهنجن معصوم ٻارڙن سان گڏ پوليس خلاف هٿن ۾ قرآن شريف کڻي سخت احتجاج ڪندي ميڊيا اڳيان دانهيو ته وومين پوليس جي انسپيڪٽر بينظير جمالي پنهنجي ٽيم سان گڏجي ايس ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

ٽنڊو محمد خان ۾ بلڙي شاه ڪريم جي رهواسي بيواهه عورت پاران ٻاٿرن خلاف احتجاجي مظاهرو

بلڙي شاه ڪريم جي ڳوٺ حسين دل جي رهواسي بيواهه عورت اقرئ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

منهنجي ڏيرن مڙس جي وفات کان پوءِ تمام گهڻيون زيادتيون ڪيون آهن، لجالت جي ڪوشش ڪئي وئي: الزام

ٽنڊو محمد خان (ڊر اير علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ بلڙي شاه ڪريم جي رهواسي بيواهه عورت اقرئ سان ڏيرن جي مبينه تشدد، تيزاب هاري، لجالت جي ڪوشش، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ بلڙي شاه ڪريم جي ڳوٺ حسين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 43

ٽنڊو محمد خان ۾ مري ويل جانور سرعام وڪرو ڪندڙ ڪاسائي پوليس هٿان گرفتار

پوليس ڪاسائي رحيم بخش عرف رحيمون کي ڪارروائي ڪري گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو

ٽنڊو محمد خان ۾ مري ويل جانورن جي وڪري جا ڪيترائي واقعا پيش اچي چڪا آهن: ساجاهه وند

ٽنڊو محمد خان (ڊر اير علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ مري ويل جانور سرعام وڪرو ڪندڙ ڪاسائي پوليس هٿان گرفتار، شهرين مٿل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 44

بقايا سنڌيار 01

تشدد ڪرڻ سان گڏوگڏ گهرن ۾ ڀڃ ڊاهه ڪرڻ بعد اسان جي ٽن ڳوٺاڻن کي ناحق کڻي هلي وئي جيڪا اسان سان ناانصافي آهي، اڳواڻ تفصيل موجب ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺ محمد بخش لولائي جا رهواسي، لولائي برادري جي ماڻهن ٻيلو ميرپور پوليس خلاف ميرپورماٿيلو پهچي ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب ميرپورماٿيلو آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻ نازڪ حسين لولائي، غلام مرتضي، عبدالمجيد، منظورلولائي ۽ ٻين ڏانهيندي چيو آهي ته گذريل رات ڊي ايس پي مٺل ڪڪرائي جي اڳوائي ۾ ٽن پوليس موبائيلن تي سوار 20 کان وڌيڪ پوليس اهلڪارن بنا جواز اسان جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري عورتن، مردن، ٻارن مٿان تشدد ڪرڻ سان گڏوگڏ گهرن ۾ ڀڃ ڊاهه ڪرڻ بعد اسان جي ٽن ڳوٺاڻن علي حسن لولائي، علي گوهر، حڪيم لولائي کي ناحق کڻي هلي ويا آهن جيڪا اسان سان ناانصافي آهي هتي ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين وس وارن کان انصاف جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 02

اقبال ڪلهوڙو ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ ٻڌائي ڪئي عدالت ٻنهي ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد جوابدار عبدالرحيم وسطڙو جي اپيل واري درخواست رد ڪندي دهشتگردي ڪورٽ عدالت خيرپور جي عمر قيد واري سزا ٻڌائڻ وارو جو فيصلو برقرار رکي ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 03

چوري جو انڪشاف، سهولتڪارن جا نالا سامهون اچي ويا، تفصيل موجب سکر ۾ پوليس پاران وڌندڙ بدامني ۽ موٽرسائيڪل چوري جي واقعن تي ضابطو آڻڻ يا موٽرسائيڪل چورن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ڪا به اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي سکر جي ريس ڪورس روڊ تي شهرين پاران موٽرسائيڪل چور کي موٽر سائيڪل چوري ڪندي پڪڙي ورتو ريس ڪورس روڊ تي رائل پلازه جي هيلان بيلڻ شهري جي موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي رهيو هو ته شهرين چور کي سوگهو ڪري ورتو چور واقعي جو اعتراف ڪندي چيو ته سندس نالو اڪبر علي مهر آهي هو اصل جيڪب آباد جو رهواسي آهي ٻوڏ دوران هتي آيو هو ۽ نيوپنڊ واري علائقي ۾ رهندو آهي جتي هڪ سهولتڪار شخص محمد فيصل جي نشاندهي تي چوري ڪري ڏوهن جو ڪم ڪري رهيو آهي. موٽرسائيڪل چوري ڪري محمد فيصل کي ڏيندو آهي جيڪو چوري ٿيل موٽرسائيڪلون شڪارپور ضلعي جي لکي غلام شاه ۾ وڪرو ڪندو آهي چور جي اعترافي بيان بعد شهرين چور کي اي سيڪشن پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 04

جي لينسڊائون پل وٽان درياهه ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اطلاع تي پوليس ۽ شهرين موقعي تي پهچي عورت کي بچائي ورتو پوليس جي شروعاتي جاچ موجب گهوٽڪي جي رهواسڻ عورت پنهنجي ساهرن جي ظلمن کان تنگ اچي درياهه ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي جي ڪوشش ڪئي ته پوليس ۽ شهرين کيس بچائي ورتو پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي

بقايا سنڌيار 05

ٻ ڏره يا ڏوهاري سان ڪو واسطو تعلق ناهي پر پوليس بار بار ڪو ٻ ڏوهه وغيره ڏئي پيو ڏنو موکي تنگ ڪري رهي هئي جنهن کان تنگ اچي چڪو هئس مان پاڻ ايس ايس پي نوشهروفيروز ڊي ايس پي موري، ايس ايڇ او موروءِ وٽ پيش ٿي ساک تي بيان ڏنو آهي ۽ ميڊيا آڏو پيش ٿي بيان ٿو ڏيان ته مان پنهنجي شرافت واري زندگي گذارڻ چاهيان ٿو منهنجو نه ڪڏهن ڏوهاري سان واسطو آهي نه ڪنهن ڏوهه ۾ ملوث آهيان تنهن ڪري موکي هاڻي ايترو تنگ نه ڪيو وڃي مان هڪ شريف شهري جي حيثيت ۾ ۽ پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارڻ لاءِ بهتر زندگي گذارڻ چاهيان ٿو تنهن ڪري اسان کي زندگي گذارڻ جو حق ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 06

موجب سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن جي چيئرمين اقبال ڏيٿو جي صدارت هيٺ ضلع ڪائونسل هال ميرپور ماٿيلو ۾ پورهيتن جا مسئلا معلوم ڪرڻ بابت هڪ عوامي ٻڌائي ٿي گذري جنهن ۾ ڪمشنر سکر ڊويزن فياض علي عباسي، ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي آغا شير زمان، ايڊوائزر عبد دايم بيرسٽر رِدا طاهر، ڊائريڪٽر ليبر سميت صنعتي ادارن ۽ پورهيت يونين جي نمائندن توڙي سول سوسائٽي جي اڳواڻن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي چيئرمين سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن خطاب ڪندي چيو ته ضلعي گهوٽڪي ۾ اچي ڪچهري ڪرڻ جو مقصد هتان جي پورهيتن جا مسئلا ٻڌڻ ۽ حل ڪرڻ آهي. سنڌ حڪومت جي پاليسي موجب ڪميشن پورهيتن کي گهٽ ۾ گهٽ اجرت ڏيارڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري رهي آهي، اسين ڪوشش ڪريون پيا ته هتان جا صنعتي ادارا ليبر قانون تي عمل ڪن ان سلسلي ۾ پورهيتن جا مسئلا معلوم ڪري قانون موجب وڌيڪ حڪمت عملي جوڙينداسون. هن چيو ته صنعتي ادارن بابت ماحولياتي گدلاڻ پکيڙڻ يا ليبر قانون تي عمل نه ڪرڻ واري شڪايتن کي ڪميشن ٻڌڻي لاءِ منظور ڪندي وڌيڪ نوٽيس جاري ڪندي ۽ پاليسي موجب ڪارروائي ڪئي ويندي ته جيئن عام ماڻهن کي انصاف ملي سگهي. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته ڊسٽرڪٽ ويجيلنس ڪاميٽي کي فعال ڪيو وڃي، صنعتي ادارا گهٽ ۾ گهٽ اجرت واري قانون تي عمل ڪن ۽ چائلڊ ليبر جي روڪٿام لاءِ قدم کنيا وڃن. ان موقعي تي ڪمشنر سکر ڳالهائيندي چيو ته انتظامي آفيسرن جون آفيسون عوام لاءِ آهن، اسان سڀني جو بنيادي فرض آهي ته شڪايتون کڻي ايندڙ عام ماڻهن سان ملاقات ڪريون ۽ سندن مسئلا حل ڪريون، جيڪڏهن ڪو آفيسر عام ماڻهن سان نه ٿو ملي يا مسئلو حل نه ٿو ڪري ته ان جو مطلب هو پنهنجون ذميواريون نه پيو نڀائي انڪري سمورن آفيسرن کي گهرجي ته هو ماڻهن جي شڪايتن جو ازالو ڪن. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي آغا شير زمان ڳالهائيندي چيو ته ضلعي گهوٽڪي ۾ سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن پاران اهڙو پروگرام ڪرڻ هڪ سٺو قدم آهي جنهن سان هتان جي مقامي ماڻهن جي شڪايتن جو ازالو ٿي سگهندو. گڏجاڻي دوران چيئرمين سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن صنعتي ادارن بابت پورهيتن ۽ مقامي ماڻهن جون شڪايتون ٻڌي نوٽ ڪيون.

بقايا سنڌيار 07

جوهي 220، جانور ڪاٽات من 190، انو فلور مل 120، ميدو 145، سوجي 150، گاڏا سرچ پيبل 520، ڏالا پائوڊر 520، هيڊ 740، ايجوجيرو 50 گرام 120، جيرو بيلڪ پلاڪو جي 80 رپيا في 50 گرام، وڏو گوشت 900، گوشت (متن) 1600، کير 180، ڏهي 220، مڇي نندي 520، مڇي (ڪلو کان وڏي) 580، 2 ڪلو کان وڌيڪ 680، گڙ 165، برف 10 رپيا في ڪلو ۽ ڪاٺ 500 رپيا في مڻ مقرر ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 08

کي هٿيارن جي زور تي هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري لکين رپيا روڪ موبائيل فون ۽ ڪار جا ڪاغذ ڦري فرار ٿي ويا واپاري برادري ۾ غم ۽ غصي جي لهر پکڙجي وئي آهي لوڪل ٿاڻي تي اڻڄاتل هٿيارٻندن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پر اڃا تائين پوليس ڪا به ڪارروائي نه ڪري سگهي آهي ٻئي طرف ٺٽي ۾ ڦرن سان گڏ تيزي سان وڌندڙ منشيات جو ڪاروبار به ٺٽي پوليس لاءِ سواليه نشان بڻجي چڪو آهي.

بقايا سنڌيار 09

لاڳاپيل آفيسرن کي حڪم جاري ڪري ڇڏيا ته ڊيوالس هولڊرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪي غيرقانوني ڪٽوتيون ڪندا آهن تفصيل موجب ايس ايس پي نوشهروفيروز ميڊم سهائي عزيز ٽالپر؛ سنڌ حڪومت غريب هارين کي ٻج ۽ ڀاڻ جي مد ۾ وصول ٿيندڙ رقم مان غير قانوني ڪٽوتي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا، ايس ايس پي نوشهروفيروز عوامي شڪايت جو نوٽيس وٺندي ضلعي جي سمورن آفيسرن کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو ان حوالي سان ايس ايس پي نوشهروفيروز ميڊم سهائي عزيز ٽالپر سمورن سب ڊويزنل پوليس آفيسرن، ايس ايڇ اوز انچارج ڊي آءِ بي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن کي سختي سان هدايتون جاري ڪيون آهن ته جيڪڏهن ڪو به هارين جي پئسن مان هڪ رپيو به غيرقانوني طور ڪٽي ڪري ٿو ته ان کي گرفتار ڪيو وڃي، فوري طور تي انهن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي. ترجمان ضلعي پوليس نوشهروفيروز

بقايا سنڌيار 10

۽ ڪاڌي پيتي جون شيون مناسب اگهه تي فراهم ڪريون. هن سمورن تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو روزاني جي بنياد تي بازارن جو دورو ڪن ۽ جتي به قانون جي پيڇڪڙي ٿيندي نظر اچي انهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. هن چيو ته سمورا دڪاندار پنهنجي دڪانن تي مقرر اگهه جي لسٽ نمايان جاءِ تي لڳائين ۽ ضلعي انتظاميا پاران مقرر ڪيل اگهن تي وڪرو کي يقيني بڻائين. هن چيو ته رمضان المبارڪ جو احترام ۽ قانون جو احترام اسان سڀني تي لازمي آهي. هن وزن ۽ ماپ سنڀال کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو روزانو بازارن جو دورو ڪن ۽ ماپن ۾ گهٽتائي ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. ان موقعي تي واپاري تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجون تجويزون پيش ڪيون ۽ مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو ۽ رمضان المبارڪ دوران مقرر ڪيل اگهن تي شين جي وڪري جو يقين ڏياريو.

بقايا سنڌيار 11

اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو ويو ان موقعي تي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاج ۾ سکر پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير لوڌي، خالد ٻانڀڻ، شهزاد تاباڻي، نصر وسير، جلال الدين ٻيو، سحرش ڪوکر، حسيب شيخ، جهانزيب وسين، ڪاشف ٽليونو، يار محمد سومرو، اظهر دايو، فضل الرحمان قريشي، قاضي ضياء الرحمان، ناصر جعفري، شاه ولي، بابر ڪوکر، طفيل رسطڙو، شاهنواز شر، نادر سنجراڻي، انس ملڪ، عقيل قريشي، سجاد سنجراڻي، اصغر علي عباسي، محمد علي سولنگي ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته اسان کي اميد آهي ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه پاران قاتلن جي گرفتار ڪرائڻ لاءِ جيڪا خاطري ڪرائي وئي آهي ان تي عمل ڪيو ويندو ٻئي هن وقت تائين سکر پوليس شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ سنجيده ناهي. دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت به ايف آءِ آر ۾ نامزد جوابدار گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي هاڻي تائين ان تي به عمل نه ڪيو ويو آهي اڳواڻن چيو ته جيستائين شهيد جان محمد جي قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي تيستائين جدوجهد ختم نه ڪنداسين

بقايا سنڌيار 12

عيوض ايوارڊ ڏيڻ جي تقريب منعقد ٿي جنهن جو مهمان خاص AMS ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي هو ان موقعي تي آرگنائيزيشن جي صدر محمد امين ميمڻ اطلاعات جي سيڪريٽري توحيدالله عباسي پيراميڊيڪل سنڌ جي اڳواڻ حزب الله راڄپر ضلعي صدر اشرف قريشي امداد علي سولنگي لالا موسيٰ خان ۽ ٻين چيو ته اعجاز ممتائي نهايت ئي جاوڙي ۽ متحرڪ ليکڪ آهي پاڻ هر علمي ادبي ۽ سماجي ميدان ۾ ڀرپور مثبت ڪردار نڀائيندو رهيو آهي جنهنڪري سندس نالو پوري دنيا ۾ مشهور ٿي چڪو آهي ۽ مسلسل مٿس ايوارڊن جي برسات وسي رهي آهي ان موقعي تي اعجاز ممتائي آرگنائيزيشن جي ٽيم جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته مون کي فخر آهي ته اسان جا نوجوان مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندڙ زنده ماڻهن جي حوصلا افزائي ڪندا رهن ٿا ورنه مرڻ کان پوءِ وڏا تعزيتي ميڙاڪا ڪري ڪين پيا پيش ڪئي پئي وڃي ۾ هوپ فار آل آرگنائيزيشن ان رسم کي ختم ڪرڻ لاءِ علمي ميدان کي مضبوط پئي ڪري اسان سڀني جون خدمتون ۽ دعائون ساڻن گڏ آهن.

بقايا سنڌيار 13

وينديون، ته جيئن عوام کي هن مقدس مهيني ۾ وڌ کان وڌ ريليف ملي سگهي، ان سلسلي ۾ واپاري برادري به انتظاميه سان ڀرپور سهڪار ڪندي مقرر ڪيل اگهن تي کاڌي پيتي جي شين جو وڪرو ۽ بچت بازار قائم ڪرڻ ۾ انتظاميه سان تعاون ڪن اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين واپارين اسان رمضان المبارڪ ۾ کاڌي پيتي جي شين جي اگهن جي حوالي سان منعقد ڪيل اجلاس جي دوران ڪيو. اجلاس ۾ حاجي رئيس قريشي، بابو فاروقي، مختيار شامي، محمد رضوان قادري، عبدالباري انصاري، شعيب ميمڻ، عاصم فاروقي، محمد جاويد، منظور سولنگي ۽ ٻيا به موجود هئا. اجلاس ۾ حاجي محمد جاويد ميمڻ عوام کي سستي اگهن تي کاڌي پيتي جي شين جي فراهمي جي لاءِ مارڪيٽ اگهه تحريري طور تي ڊپٽي ڪمشنر کي فراهم ڪندي چيو ته اسان شهر مان اٽي، چانور، گيهه، داليون، مصالحي سميت ٻين کاڌي خوراڪ جي شين جا انتهائي سستا اگهه تحريري طور تي فراهم ڪري ڇڏيا آهن ته جيئن عوام کي هن مقدس مهيني ۾ وڌ کان وڌ ريليف ملي سگهي. حاجي محمد جاويد ميمڻ جو چوڻ هو ته واپاري برادري هميشه عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ جي لاءِ انتظاميه سان ڀرپور تعاون ڪيو آهي ۽ اڳتي به ڪندا رهنداسين ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين مهيسر جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان سکر اسمال ٽريڊرز پاران فراهم ڪيل اگهن جو جائزو وٺي ڪري عوام کي سستي اگهن تي کاڌي پيتي جي شين جا اگهه جاري ڪنداسين. ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر پرائيس ڪنٽرول ڪاميٽي کي سختي سان هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته هو سرڪاري اگهن تي شين جي وڪري جي حوالي سان تجارتي مارڪيٽن کي مانيٽر ڪن ۽ هر صورت ۾ عوام کي وڌ کان وڌ ريليف فراهم ڪن ان سلسلي ۾ واپاري برادري به انتظاميه سان تعاون ڪندي سستي رمضان بچت بازار ۾ اڳتي وڌي حصو وٺي ته جيئن گڏيل ڪوشش سان ان مقدس مهيني ۾ عوام کي حقيقي ريليف ملي سگهي.

بقايا سنڌيار 14

۽ ايس ايڇ او اڪرا کان مطالبو ڪيو ته ڄاڻايل ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 15

جي بهترين استاد پيارا لال ۽ سجاڳ ٻار تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ جيرام گاڏاهي نئون ڪوٽ جو دورو ڪيو نفس نگر نئون ڪوٽ ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ جو نئون يونٽ کوليو ويو سجاڳ ٻار تحريڪ جي علمي، سرگرمين کان متاثر ٿي ٻارڙن: ٻريت، ٻانڀجي، مهيش، ليکراج، هريش، وشال، وٺود، نندلال، پرديپ، پيل، پرديپ ڪمار، جيوراج، سورج، گيانوتي، لندا، درشنا، دو ٻالي ۽ ٻين اڳواڻن سجاڳ ٻار تحريڪ ۾ شموليت ڪئي. سجاڳ ٻار تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ جيرام ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ ٻارڙن جي واحد انقلابي سائنسي تنظيم سجاڳ ٻار تحريڪ آهي جيڪا ٻارن جي ذهني تربيت ڪري ٿي ۽ اسان جي سنڌي سماج کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي، اها تبديلي ٻار جي تربيت ڪرڻ سان ممڪن آهي تنهن ڪري پنهنجن ٻارن کي پڙهايو ۽ انهن جي تربيت ڪريو جيئن اهي اڳتي هلي پنهنجي، سماج ۽ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن.

بقايا سنڌيار 16

چيو ته اسان جي ڳوٺ جي ست پاڙن جي بجلي گذريل هڪ هفتي کان بند پيل آهي اسان ايس ڊي او مٺي وٽ بار بار دانهيو آهي پر هو مسئلو حل ڪرڻ جي بجاءِ رڳو دلاسا ڏيئي رهيو آهي هن چيو ته بجلي نه هجڻ ڪري هفتي کان پيئڻ جو پاڻي نٿو ملي جنهن ڪري ماڻهو توڙي چوپايو مال اڃ مري رهيا آهن معمولي مسئلي جي ڪري اڌ کان مٿي ڳوٺ جي بجلي بند پئي آهي سمورو ڪاروهنوار بند آهي پر افسوس واپڊا انتظاميه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي اسين واپڊا جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون ته فوري طور نوٽيس وٺي بجلي بحال ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 17

ٿي ويا آهن. علائقي واسين موجب ته گهرڌڻي گهر کي تالو هڻي شادي تي ويل هئا ته پويان نامعلوم چورن گهرن جا تالا ٽوڙي روڪ رقم، سون ۽ سامان ٻهاري فرار ٿي ويا. ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي پوليس جو چوڻ هو ته واقعي جو اطلاع مليو آهي معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا سنڌيار 18

فيصلو اچڻ تائين وڪرو ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. عدالت سرڪاري لاڳاپيل ادارن سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، ۽ پرائيويٽ مالڪن شائسته برڪت، ۽ اسد الله برڪت ٻنهي کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن. 16 اپريل تي ٻڌائي رکي وئي آهي، 2017 کان وٺي هن وقت هڪ سئو کان وڌيڪ دڪانن کي مالڪاڻا حق ۽ قبضا نه ڏيڻ خلاف درخواست تي ٻڌائي ٿي، حيدر آباد جي سول ڪورٽ ۾ جوابدارن شائسته برڪت، اسد الله برڪت، وڪيل ايڊووڪيٽ فرقان جي آر منگي معرفت ڪيس داخل ڪيو ويو هو عدالت ۾ سول جج صدا حسين لاڙڪ ڪيس جي ٻڌائي ڪئي، عدالت ۾ درخواستگذار جوابدار شائسته برڪت، اسد الله برڪت ۽ وڪيل فرقان جي آر منگي ۽ لاڳاپيل ڌريون پيش ٿيون. ياد رهي ته ايڇ ڊي ڊولپرز ۽ بلڊرز مٿي ڄاڻايل جوابدارن 18 بلين کان وڌيڪ رقم جي هيرو ٽاور جي خريد فروخت ۾ ٺڳي ڪئي وئي آهي. سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ساڳي عمارت کي سيل ڪري چڪي آهي. ايڊيشنل ڊائريڪٽر ٽيڪ فور ڪراچي هيرو ٽاور جي ٺڳي واري معاملي جي جاچ ڪري رهيو آهي. ساڳئي معاملي جي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ پڻ جاچ ڪري رهي آهي. 6 سالن کان مختلف پراجيڪٽس ۾ هيرا ڦيري ۽ سرڪاري زمينن تي قبضا ڪري 18 بلين جي رقم هڙپ ڪري چڪا آهن. هيرو ٽاور اينڊ بلڊرز جي صدر ۽ ڊائريڪٽر شائسته برڪت ۽ اسد الله برڪت مٿان 17 ايف آءِ آرز داخل ٿي چڪيون آهن. ۽ حڪومت گهرو وزارت پاران نالا اي سي ايل ۾ شامل ڪيا ويا آهن. عدالت ايندڙ ٻڌائي 16 اپريل تي مقرر ڪندي لاڳاپيل ڌرين کي جواب داخل ڪرائڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪندي جواب داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 19

سڄي رات گذري وئي ۽ صبح جو چيو ويو ته ٻيڙن ۽ لانچن ذريعي مهاڻن جي ڳولا ڪئي پئي وڃي پر اڃان مهاڻن جو ڪو به پتو نه پئجي سگهيو آهي. ايف سي ايس انداز سان بيان جاري ڪيل بيان غلطي هئي، اسسٽنٽ ڪمشنر اڪون ڊپٽي ڪمشنر ٺٽي سان رابطي ۾ آهيان انتظامن جو جائزو ورتو پيو وڃي ريسڪيو جاري آهي ڊپٽي ڪمشنر ملير سعيد لغاري، انتظاميا بي حسي جي انتها ڪري ڇڏي آهي 14 مهاڻن جي فوري طور ڳولي ظاهر ڪيو وڃي مهاڻن جي تنظيمن جا اڳواڻ تفصيل موجب هڪ ڏينهن اڳ سمنڊ ۾ ٻڏي ويل ٻيڙي جا 14 مهاڻا اڃان تائين گم آهن هڪ ڏينهن اڳ 45 مان 31 ڄڻن کي بچايو ويو آهي جڏهن ته 14 ڄڻن رياض بنگالي، احمد، شڪل، سجاد، شاهد ڪوڪي، هاشي رياض اشرف، نور عالم، رحمر، شر ملاح، متي عالم بنگالي، قوم بهاري ۽ حسين جو اڃان تائين پتو نه پئجي سگهيو آهي، گهرن ۾ قيامت جهڙا منظر، روڄ راڙو متل آهي ۽ انتظاميا ۽ وارث ابراهيم حيدري جيٽي تي موجود آهن جڏهن ته فشرمين ڪو آپريٽو سوسائٽي پاران 45 مهاڻن کي 12 وڳي ريسڪيو ڪرڻ وارو جاري ڪيل بيان ڪوڙو نڪتو آهي ٻئي طرف سڄي رات گذري وئي ۽ صبح جو چيو ويو ته ٻيڙن ۽ لانچ ذريعي مهاڻن جي ڳولا ڪئي پئي وڃي پر اڃان مهاڻن جو ڪو به پتو نه پئجي سگهيو آهي. ايف سي ايس جو چوڻ هو ته اسسٽنٽ ڪمشنر ڊاڪٽر سارا چيو ته ايف سي ايس 42 مهاڻن کي ريسڪيو ڪرڻ وارو بيان انداز سان جاري ڪيو ۽ هنن غلطي هئي عملي طور 14 مهاڻا اڃان تائين گم آهن ڊپٽي ڪمشنر ملير سعيد لغاري جو چوڻ هو ته اڪون ڊپٽي ڪمشنر ٺٽي سان رابطي ۾ آهيان انتظامن جو جائزو ورتو پيو وڃي ريسڪيو جاري آهي جلد گم ٿيل ماڻهن کي ڳولي هٿ ڪيو ويندو ان سلسلي ۾ سماجي تنظيم ۽ مهاڻن جي تنظيم جي اڳواڻ مجيد موٽاڻي، يونس خاصخيلي، ڪمال شاهه ۽ ٻين چيو ته انتظاميا بي حسي جي انتها ڪري ڇڏي آهي سج لهڻ وارو آهي ايڏا تائين 14 مهاڻا گم آهن هنن مطالبو ڪيو ته گم مهاڻن فوري طور ڳولي ظاهر ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 20

ڊيالي جي ڪا به سهولت موجود نه آهي هيومين رائيٽس فورم پاڪستان جي صدر نعيم ميمڻ ٻارڙن جي مائيٽن طرفان شڪايتون ملڻ بعد اسڪول جو وزٽ ڪيو ۽ ٻڌايل ڳالهيون سچ ثابت ٿيون اسڪول سڀني بنيادي سهولتن کان محروم نظر آيو نعيم ميمڻ ۽ اسڪول جي ٻارن جي والدين ڊي سي بدين کي ڌيان ڇڪائيندي چيو ته سنڌ ۾ تعليمي ايمرجنسي جون ڳالهيون ۽ ٽين ٽيون ايجوڪيشن ورڪس طرفان ٽينڊر پڻ ٿيندا رهن ٿا پر جتي اهم ضرورت آهي اتي ڪا سهولت يا ڪو ريپئر مينٽيننس جو ڪم نظر ڪيو وڃي جيڪو دل ڏکائيندڙ آهي عوام مٿان ٽيڪس جو وزن آن باوجود ان عوام جي ٻچن جي تعليمي ادارن ۽ واش روم جي سهولت نه هجڻ انتهائي دل ڏکائيندڙ عمل آهي انتظاميه کي اک کولڻ گهرجي انهن ڊي سي بدين ۽ سيشن جج بدين کان اپيل ڪندي چيو ته جلد اسڪول جو وزٽ ڪري سهولتون مهيا ڪيون وڃن.

بقايا سنڌيار 21

ٻڌائي ڪندڙ سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ آڏو پيش رپورٽ جمع ڪرائيندي اعتراف ڪيو ويو آهي ته اغوا ٿيل نوجوان عجب گل لغاري کي پنگ لاءِ اغوا ڪيو ويو آهي هن مهل جتوئي ڌاڙيلن جي ٽولي وٽ قيد آهي ڌاڙيلن خلاف آپريشن لاءِ لاڳاپيل کاتن کي خط لکي ڇڏيو آهي اهو سنگين معاملو آهي ان سان سنڌ، پنجاب، بلوچستان جي سرحدون ملڻ ڪري امن امان جي صورتحال متاثر ٿي رهي آهي عدالت ريمارڪس ۾ چيو ته ڏوهاري روڊ رستن تان روزانو جي بنياد تي ماڻهن کي اغوا ۽ ڏوهي وارداتون ڪري هليا وڃن ٿا هن وقت تائين ڏوهه روڪڻ لاءِ ڪارروائي ڇو نه ڪئي وئي وڪيل موجب عدالت چيف سيڪريٽري کان جواب طلب ڪندي ڊپٽي اٽارني جنرل کي 2 اپريل تي پيش ٿي ٻڌائي ته وفاقي سرڪار امن امان جي خراب صورتحال بابت ڪهڙا قدم ڇو ناهن کنيا ويا واضح رهي ته گهوٽڪي جي علائقي عادلپور واسي عجب گل لغاري کي ڪجهه مهينا اڳ عورتاڻي آواز تي ڌاڙيلن ڳهرائي اغوا ڪيو ويو هو جنهن جي بازيابي لاءِ 50 لک رپيا پنگ گهريو ويو آهي

بقايا سنڌيار 22

دوائن جي ڪورس سان گڏ مفت ٽيسٽون پڻ ڪيون وينديون آهن، ٽي بي جي بچاءَ لاءِ عوام کي شعور ڏيارڻ لاءِ هر فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ته جيئن هن مرض مان مڪمل نجات ملي سگهي، انهي موقعي تي چيسٽ اسپيشلسٽ ڊاڪٽر غلام نبي شيخ، فوڪل پرسن علي عرفان ۽ ذوالفقار نظاماڻي ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 23

اڄ هڪ بيان ۾ چيو ته حڪومت شهرين جي جان توڙي مال جي حفاظت ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي آهي. سموري سنڌ بدامني جي باهه ۾ سڙي رهي آهي. ماڻهن کي ڀتي لاءِ اغوا ڪرڻ هڪ منافعي وارو ڪاروبار بڻجي چڪو آهي جنهن ۾ پوليس بااثر ماڻهو ۽ ڌاڙيلن جو گڏيل نيٽ ورڪ ڪم ڪري پيو. سنڌ جي گادي واري هنڌ ڪراچي ۾ هلندڙ صرف 2 مهينن دوران ڏوهن جون 15 هزار وارداتون 26 شهرين جو قتل هزارين ماڻهن کي پنهنجي قيمتي گاڏين کان محروم رکڻ سنڌ حڪومت ۽ پوليس جي ناڪامي آهي. عوام اڳ ۾ ئي موت مار مهانگائي، بيروزگاري، گئس توڙ يوٽيلٽي بلز جي ڪري سخت پريشان آهن ويتر بدامني جي واڪاس عوام جي اندر عدم تحفظ جو احساس ۽ زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي.#

بقايا سنڌيار 24

سان شادي ٿي هئي اڳوڻي مڙس سڏير ناريجو کان ڌار ٿيڻ بعد ٻي شادي غلام شبير ناريجو سان ڪئي آهي اڳوڻو مڙس ڌمڪايون ڏئي رهيو آهي جنهن مان جان کي خطرو آهي اڳوڻي مڙس مان ٽي ٻار پڻ آهن جيڪي سڏير وٽ آهن دارالامان سکر ۾ اڳ ۾ به پناه ورتي هئي پر اڄ وري تحفظ لاءِ دارالامان ويس ته دارالامان جي ميڊم مدثره مون کي دارالامان ۾ رکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو مون کي دارالامان مان ڪڍي ڇڏيو. عورت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اڳوڻو مڙس منهنجي جان کي خطرو آهي، مون کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 25

کي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار 36 سالن جو عدنان پٽ محمد عمر ڇپيانچي ٿلي تي فوت ٿي ويو رضاڪارن فوتي جو لاش جناح اسپتال منتقل ڪيو.

بقايا سنڌيار 26

۽ بڪتر بند گاڏيون ساڻ ڪري آپريشن ڪيو پيو وڃي آر ڊي 219 پل واري علائقي ڏانهن ايندڙ ويندڙ روڊ رستا سيل ڪيا ويا آهن رابطو ڪرڻ تي آپريشن جي اڳوائي ڪندڙ صفير احمد جاڳيراڻي ۽ اسپيشل انچارج سيد صنم علي شاه جيلاني ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ هٿياربندن هٿان ڪنڌڪوٽ مان مبينا طور اغوا ٿي ويل بهاردين سهرياڻي، ذيشان شمن سميت ٽن ڄڻن کي مبينا طور اغوا ڪري ڪچي واري علائقي ۾ پنگ خاطر ٻاندي بڻائي رکيو آهي جن جي بازيابي لاءِ آپريشن ڪيو پيو وڃي پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته جلد ٽنهي مغوين جي بازيابي کي يقيني بڻائي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 27

تي هلڻ لڳي علائقي واسين پاران نوٽيس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب بدين جي ٽائون ڪڍڻ جي صحت مرڪز ۾ 10 وڌيڪ ڊاڪٽرجيڪي ويزا تي وڃڻ جا انڪشاف ٿيا آهن جتي صرف ٽي کان چار ڊاڪٽر صرف ڏينهن جي ٽائيم اچن ٿا باقي سڄي اسپتال جو ڪاروهنوار پيرا ميڊيڪل اسٽاف طرفان هلڻ جا انڪشاف ٿيا آهن جڏهن ته اسپتال ۾ مقرر ڊاڪٽرياڻي نبيلا طرفان ٻه مهينا موڪل ڪرڻ کان پوءِ رات جي ٽائيم ڊاڪٽرياڻي نه هجڻ ڪري ڊليوري ڪيس سميت ڪڍڻ شهر ۽ آس پاس جي علائقن کان ويمر ڪرڻ لاءِ ايندڙ حاملا عورتون دربدر آهن علائقي واسين موجب ته ڪجه ڏينهن اڳ ڪڍڻ ۽ آس پاس جي غريب ماڻهن جي سهولت لاءِ ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو طرفان ڪڍڻ جي صحت مرڪز ۾ ويمر گهر جو افتتاح ڪيو ويو هو ته جيئن 20 هزار آبادي رکندڙ شهر ڪڍڻ سميت آس پاس جي غريب ماڻهن کي فائدو ملي سگهي علائقي واسين موجب ته تازو ٻه هفتا اڳ ڊاڪٽرياڻي طرفان موڪل ڪرڻ ڪري صحت مرڪز ڪڍڻ ۾ رات جي ٽائيم ڊاڪٽرياڻي نه هجڻ ڪري غريب حاملا عورتون ڊليوري نه ٿيڻ ڪري مختلف پرائيويٽ ميڊيڪل سينٽرن تي دربدر آهن يا ڪين انڊس اسپتال بدين وڃڻو پوي ٿو جنهن ڪري غريب ماڻهو سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن. ٻئي طرف ڊي ايڇ او هيلٿ ڊاڪٽر ذهير الدين ميمڻ رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڊاڪٽرياڻي جي ڪوٽ آهي مقرر ڊاڪٽرياڻي ٻن مهينن جي موڪل تي ويل آهي ان جي جاءِ تي نرسون موجود آهن جيئن بي بي ايڇ آڪي ۾ نرسون ميڊوائف چوڪريون موجود هونديون آهن علائقي واسين وزيراعليٰ سنڌ، صحت کاتي سنڌ، جي ڊائريڪٽر، ڊپٽي ڪمشنر بدين کان مطالبو ڪيو آهي ته صحت کاتي ڪڍڻ ۾ ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين جي ڪوٽ ختم ڪئي وڃي ۽ رات جي ٽائيم ڊاڪٽرياڻين جو عملو مقرر ڪيو وڃي ته جيئن ويمر گهر ڪڍڻ ۾ ايندڙ حاملا عورتون ۽ سندن وارث پريشاني کان بچي سگهن.

بقايا سنڌيار 28

ٿي هاڻي ڪا گهر ڪندا سين پيرسن عورت مسمات امت سيهڙ اکين مان لڙڪ هاريندي چيو ته مان پنهنجي ٻارن جي شڪرگذار آهيان جن مون ڀيڻ کي عزت ڏيندي اباڻي ملڪيت مان پنهنجو حصو ڏئي ڇڏيو آهي الله پاڪ هنن کي خوش آباد رکندو جنهن کانپوءِ داخل ڪيل درخواستن تان هٿ کنيو ويو ۽ اهڙي برادري، ناه جي لکت پڻ ڏني وئي.

بقايا سنڌيار 29

وٺي، اڳواڻن ساجن پنهور، عثمان جوڻيجو، انيس احمد، ماجد مستوئي، لياقت علي مهيسر شير گڏاڻي، فاروق احمد ڪلهوڙو، مقصود احمد پٽي، جان محمد ڪلوڙ، ضمير احمد سيال، مسرور احمد قريشي، رياض شاهاڻي، غلام مصطفيٰ دايو، اشرف علي پتي ۽ ٻين چيو ته ملڪ کي روشن ڪرڻ وارن مزدورن کي بنا جواز پريشان ڪيو پيو وڃي واپڊا ملازمن جا مسئلا ڪيترن ئي سالن کان حل نه پيا ڪيا وڃن ملازمن جون جبري بدليون ۽ موڪلن واري ڏينهن تي به جبري طور تي ڪم ورتو پيو وڃي، آفيس ٽائيم بعد روزانو گڏجاڻين جي بهاني سان ملازمن کي پريشان ڪيو پيو وڃي، سالن کان ڊيلي ويجز جي ملازمن کي پڪو نه پيو ڪيو وڃي، لائين سپرٽنڊنٽ، لائين مين، اسسٽنٽ، ميٽر ريڊرن جون جبري طور ضلعي بدر بدليون ڪري ملازمن کي پريشان ڪيو پيو وڃي، سالن کان هلندڙ ملازمن جي ڪوٽ کي پورو نه پيو ڪيو وڃي، هن چيو ته جڏهن ڏيڍ لک ملازم هئا پاڪستان ۾ ان وقت 3 ڪروڙ صارفين هئا پر هاڻي 6 ڪروڙ صارفين آهن ۽ ملازم باقي 80 هزار جي لڳ ڀڳ ڪم ڪري رهيا آهن ان باوجود نيون ڀرتيون نه پيون ڪيون وڃن هڪ ملازم کان 5 ملازمن جو ڪم ورتو پيو وڃي، واپڊا ملازمن کان 8 ڪلاڪ بجاءِ 18-18 ڪلاڪ جبري طور ڪم ورتو پيو وڃي، احتجاج ڪندڙ اڳواڻن چيو ته فوري طور تي واپڊا ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 30

ڪرڻ ۾ ڀرپور ڌيان ڏيو ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو شاگردن جي متعلق لائبريري عملدارن کي چيو ته پڙهائي لاءِ ايندڙ شاگردن کي وڌ کان وڌ بهتر سهولتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن شاگردن کي بهتر تعليم ملي سگهي جيئن لائبريري ۾ اچي ڪري هو وڌيڪ محنت ڪن ۽ پڙهائي تي ڌيان ڏين سرڪار پاران اوهان جي پڙهائي لاءِ لائبريريون ٺهرايون ويون آهن ۽ توهان هتي ڪميشن جي به تياري ڪري سگهو ٿا. ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو چيو ته هڪ شاگرد کي اخبار بابت ڄاڻ ڏني ته شاگردن کي گهرجي ته اخبار جو اندريون حصو ڪالم اسٽوريون پڙهن ان مان انهن کي وڌيڪ ڄاڻ ملندي پڙهائي شاگرد گهرن ۾ به ويهي ڪري سگهن ٿا پر لائبريري ۾ اچڻ سان انهن کي بهترين ماحول ملندي.

بقايا سنڌيار 31

بحال ڪيون وڃن. خير محمد مگسي ۽ ٻين جو مظاهري کي خطاب تفصيل موجب پورٽ قاسم انڊسٽريل زون ۾ قائم السنز آٽو پارٽس ڪمپني جي انتظاميا طرفان 80 کان وڌيڪ پورهيتن کي ڪمپني مان نيڪالي ڏني وئي آهي، جنهن خلاف گذريل ڏينهن پورهيتن ۽ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ڪمپني جي مک گيٽ کي بند ڪري ڪمپني اڳيان خير محمد مگسي، پيربخش ٻهلڪاڻي، سورهيه سنڌي ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، انهن السنز ڪمپني خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته سالن کان ڪم ڪندڙ 80 کان وڌيڪ پورهيتن کي برطرف ڪري کين بيروزگار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته انهن جي جڳهه تي من پسند ماڻهن کي ڀرتي ڪيو ويو آهي، جيڪا سراسر زيادتي ۽ ناقابل برداشت ڳالهه آهي، انهن السنز ڪمپني جي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته مزدور دشمن پاليسي ختم ڪري برطرف پورهيتن کي بحال ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 32

ڪرم الله مهر جي درخواست تي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ ٻڌائي ڪئي وڪيل سهيل ڪوسو عدالت کي ٻڌايو ته دهشتگردي ڪورٽ عدالت شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٻن سهولتڪار جوابدارن بخشيل مهر ۽ بابر مهر جي ضمانت منظور ڪري آزاد ڪرڻ وارو فيصلو قانون جي ابتڙ آهي ضمانت رد ڪئي وڃي جڏهن ته سرڪاري وڪيل عدالت کي استدعا ڪئي ته ڪيس متعلق ڪاغذ رهيل آهن ان ڪري مهلت ڏني وڃي عدالت شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٻن سهولتڪار جوابدارن بخشيل مهر ۽ بابر مهر جي ضمانت تي آزاد ٿيڻ واري فيصلي خلاف فريادي ڪرم الله مهر جي درخواست جي ٻڌائي دوران سرڪاري وڪيل جي مهلت واري درخواست منظور ڪندي ٻڌائي ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

بقايا سنڌيار 33

لغاري جا رهواسي پورهيت گذريل ٽن ڏينهن کان گم، وارثن پاران ٻنهي پورهيتن جي اغوا جو شڪ ظاهر ٻنهي پورهيتن جي گهرن ۾ روڄ راڙو متل، تفصيل موجب ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺ غلام حسين لغاري جا رهواسي پورهيت اقبال موچي ۽ اختر موچي گذريل ٽن ڏينهن کان گم آهن سندس وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب ڪجهه ڏينهن اڳ ڪنڌڪوٽ جو رهواسي هڪ شخص هنن سان مليو ڪجهه ڏيرجي ملاقات بعد هنن کي دعوت ڏني وئي ته ڪنڌڪوٽ اچو جنهن بعد هي ان جي دعوت لاءِ ڪنڌڪوٽ ويا ته ان ڏينهن کان ٻنهي جا نمبر بند آهن. ۽ سندن جو ڪو به ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو جنهن بعد ٻنهي پورهيتن جي وارثن اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو آهي، هوڏانهن ٻنهي پورهيتن جي گهرن ۾ روڄ راڙو متل آهي.

بقايا سنڌيار 34

ٽنيو ۽ جنرل سيڪريٽري طالب حسين چانڊيو کي مقرر ڪيو ويو، تفصيل موجب، تعلقه پريس ڪلب واره جو اهم اجلاس ٽي رڪني آرگنائيزنگ ڪاميٽي پاران چيف آرگنائيزر بشيرلطيفي جي صدارت هيٺ پريس ڪلب جي آفيس ۾ ٿي گذريو اجلاس جي ڪارروائي بشير لطيفي پاران هلائي وئي، اجلاس ۾ ٽي رڪني آرگنائيزنگ ڪاميٽي ميمبرن پاران مسلسل ٽن ڏهاڙن کان جاري مشاورت بعد گڏيل متفقه راءِ سان سال 2024 جي نئين جنرل باڊي جي چونڊ ڪئي وئي، جنهن ۾ سرپرست اعليٰ ممتاز علي چنو، صدر عبدالجبار ٽنيو، سينيئر نائب صدر سميع الله کيهو، نائب صدر زاهد حسين بروڙي، جنرل سيڪريٽري طالب حسين چانڊيو، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري بشيرلطيفي، آفيس سيڪريٽري نذير علي چانڊيو، خزانچي امتياز علي ابڙو پريس سيڪريٽري علي محمد بروهي، انفارميشن سيڪريٽري آغا خان چانڊيو کي هڪ سال لاءِ چونڊيو ويو. ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ۾ چيف ايگزيڪيوٽو ذوالفقار علي نوحاڻي، نياز علي چنو، حافظ منتار علي چانڊيو کي چونڊيو ويو. حافظ محمد اسلم بروڙي، محمد بخش مرڪند ۽ عبدالوحيد سمون کي ميمبر مقرر ڪيو ويو، جڏهن ته حاجي منتار علي چنو کي اعزازي ميمبر مقرر ڪيو ويو اجلاس جي آخر ۾ نئين منتخب باڊي جي ميمبرن پاران هڪ ٻي کي گلن جا هار پارائي مبارڪ باد پيش ڪئي وئي. نئين چونڊيل جنرل باڊي پاران جلد ٻيهون اجلاس گهرائي لائحه عمل جوڙيو ويندو.

بقايا سنڌيار 35

اندر اوقاف کاتي جي سرپرستي ۾ قبضا مافيا طرفان ڪوٺائي ڪري اڏاوتن جي آڙ ۾ قبرن جي بي حرمتي، درگاهن جي تقدس جي پائمالي منشيات جي اڏن قبضن خلاف تنظيمات اهلسنت پاران سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ سيد مظفر علي شاه پير آف رتوديرو حافظ حاجي محمد سمون ميان غلام رسول قريشي مولانا گل حسن زئونر ليکڪ ۽ اديب اشرف لغاري ڊاڪٽر سلار الدين عالم ايوب سڪندري مولوي عبدالقدوس حافظ علي اصغر ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ گلاب لغاري شهر ۾ گلاب موڙ پوليس پوسٽ سامهون سوين ماڻهن جي موجودگي ۾ احتجاجي جلسو منعقد ڪيو ويو انهي موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي پراڻي قديم تاريخي ماڳ اگهمر ڪوٽ جيڪو اوقاف کاتي جي تحويل ۾ هجڻ باوجود اوقاف کاتي سنڌ جي سرپرستي ۾ قبضا مافيا گروه سرگرم آهن جيڪو قبرستان اندر منشيات فروشي جا اڏا هلندڙ آهن ۽ ڪوٺائي ڪري انساني عضون کي ڪڍي ڦٽو ڪرڻ ۽ قبضا مافيا طرفان غير قانوني اڏاوتون ڪري قبضا ڪرڻ جي ڪوششون ڪيون پيون وڃن هن چيو ته اسان هن احتجاج ذريعي بلاول ڀٽو زرداري فريال ٽالپر اوقاف کاتي جي اعلي عملدارن سميت وزير اعلي حڪومت سنڌ جي ايم اين اي ايم پي اي ۽ اعليٰ اختيارين کي اپيل ٿا ڪيون ته سنڌ جي تاريخي ماڳ اگهمر ڪوٽ جي قبرستان اندر غير قانوني ڪوٺائي ڪري قبرن کي مسمار ڪرڻ ۽ بيحرمتي ڪرڻ ۽ قبضو ڪرڻ جي ڪوشش وارو سلسلو بند ڪري هلندڙ منشيات جي اڏن کي بند ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ پوري سنڌ اندر سخت احتجاج ڪري روڊن رستن کي بلاڪ ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 36

اغوا ٿيل پوليو ورڪر نعيم اختر ٻيڙو کي حساس ادارن جي مدد سان ٽارگيٽيڊ آپريشن دوران باحفاظت بازياب ڪرايو ويو هڪ هفتو اڳ اڻڄاتل ڏوهارين ٿاڻي ناپر ڪوٽ جي ڳوٺ مهر جو رهواسي پوليو ورڪر نعيم اختر ولد حمزو ٻيڙو کي ڪچي واري علائقي جوڙي شاخ مان اغوا ڪري ويا هئا. ايس ايس پي شڪارپور ڊاڪٽر محمد عمران خان پاران مغوين جي بازيابي لاءِ سينيئر ۽ تجربيڪار پوليس آفيسرن ۽ آر ٽي اسٽاف تي مشتمل اسپيشل ٽيم جوڙي هئي. پوليس ٽيم ڏينهن رات محنت ڪري مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا ۽ ڪجهه شڪي ماڻهن کي حراست ۾ ورتو جنهن جي نتيجي ۾ ٽارگيٽيڊ آپريشن دوران برغمالي کي ڳڙهي تيغو جي ڪچي مان ايس ايڇ او ناپر ڪوٽ محمد حسن جوڻيجو جي اڳوائي ۾ باحفاظت بازياب ڪرايو ويو. ڪامياب ڪارروائي تي ايس ايس پي شڪارپور ڊاڪٽر محمد عمران خان پاران پوليس پارٽي کي شاباس، تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ نقد انعام ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 37

ڊرٽي جي حوالي سان ناميارا قانوندان ايڊووڪيٽ جي اير لغاري، پيپلز مزدور يونين جي صدر منور مغل ۽ ٻين پاران ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊومحمدخان، ايس ايس پي ٽنڊومحمدخان، ڊي ايس پي ٽنڊومحمدخان، اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊومحمدخان ۽ ايس ايڇ او شيخ پرڪيو کي ڊرٽي جي حوالي سان ليٽر جاري ڪيو ويو آهي. ان حوالي سان ناميارا قانوندان ايڊووڪيٽ جي اير لغاري، يونين جي صدر منور مغل، ايڊووڪيٽ نجم الدين لغاري، ايڊووڪيٽ احمد نواز انقلابي، ايڊووڪيٽ ساجد ٻجيئر، ايڊووڪيٽ امان الله شر، ايڊووڪيٽ محمد ياسين لغاري ۽ ٻين ٻڌايو آهي ته فاران شوگر مل انتظاميه خلاف 9 مارچ تي ڊرٽي جون تياريون مڪمل آهن، اسان ضلع ٽنڊومحمدخان جي انتظاميه کي آگاهي لاءِ ليٽر جاري ڪري ڇڏيو آهي، انشاءالله اسان جو ڊرٽو تيستائين جاري رهندو جيستائين فاران شوگر مل انتظاميه پورهيتن کي 2020 ع کان رهيل پنج پرسينٽ بونس ادا نه ڪندي.

بقايا سنڌيار 38

پوليس اهلڪار محمد علي ڪوري کي دادو شهر مان ڊيوٽي تان گهرائڻ بعد ڪٿي گم ڪرڻ بعد پوليس هيڊڪوارٽر ۾ ڪوارٽر گارڊ ڪيو ويو آهي جيڪو اينٽي ڪرپشن ٿاڻي تي ڊيوٽي ڪندڙ آهي احتجاج ڪندڙ عورتن نواب زادي بيواهه پوليس اهلڪار قربان علي ڪوري سندس ٻيائين عظميٰ ڪوري، ارشاد ڪوري، فاطمه، ريحانه، شاڪلا، حضوران ۽ رياض ڪوري جيڪي رڪڻ ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ ڪمال پنهور جا رهواسي آهن نواب زادي ڪوري ميڊيا اڳيان چيو ته منهنجي پٽ محمد علي ڪوري کي گذريل 4 ڏينهن کان ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار جي چوڻ تي وومين پوليس انسپيڪٽر بينظير جمالي ڪوارٽر گارڊ ڪري ڇڏيو آهي ۽ پوليس پنهنجي ٻتي پٽي جي ڌمڪائي حراسان ڪري رهي آهي. احتجاج ڪندڙ عورتن چيو ته ڪوارٽر گارڊ ٿيل محمد علي ڪوري جي ڀاءُ زمان ڪوري کي پوليس ڪجهه ڏينهن اڳ گرفتار ڪيو هو جنهن تي منير آرائين سان سڱاوتي تڪرار جو الزام لڳايو ويو جي هاڻي پوليس ان کي طلب ڪري رهي آهي جنهن ڪري سندس ڀاءُ پوليس اهلڪار محمد علي ڪوري تي دٻاءُ وڌو ويو جڏهن ته اسان جو سڱاوتي تڪرار وارو معاملو ختم ٿيل آهي عورتن جو وڌيڪ چوڻ هو ته پوليس اسان جي خلاف مسلسل ناحق ڪارروايون ڪري رهي آهي جنهن ڪري اسان ٻي پهچ ۽ مسڪين ماڻهو عدالتن جو سهارو وٺي نٿا سگهون هاڻي وري پوليس ڪونه ڊرامو ناهي اسان تي گهرن تي چڙهايون ڪري رهي آهي ۽ گذريل 4 ڏينهن کان اسان جي بيگناهه پوليس اهلڪار محمد علي ڪوري کي ناحق پوليس هيڊڪوارٽر ۾ بند ڪيو ويو آهي. مظاهرين مطالبو ڪيو ته قرآن پاڪ جي واسطي آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج دادو ۽ انساني حقن جي تنظيمن اسان جي احتجاج جو فوري نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 39

ڦورو ديده دليري سان مقامي صحافي منصور چانڊيو جي گهرياتين کي هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، ڦر واقعي جا سي سي ٽي وي فوٽيج هٿ اچي ويا، اطلاع باوجود اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ نه پهتي صحافي منصور چانڊيو جو چوڻ هو ته اسان جا گهر ڀاتي مارڪيٽ مان خريداري ڪري واپس گهر وڃي رهيا هئا ته اڻڄاتل ڦورو 85 هزار روڪ رقم، هڪ موبائيل فون ۽ ٻٽون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، اسان ايس ايس پي دادو کان مطالبو ٿا ڪيون ته اسان جو ڦر ٿيل سامان واپس ڪرائي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 40

مڪمل مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هڪ سال کان هلندڙ جدوجهد ۾ 2 مسافر ريل گاڏيون موهن جو دڙو ايڪسپريس ۽ بولان ميل بحال ٿيڻ بعد باقي رهيل ريل گاڏين جي بحالي لاءِ فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ ۽ ٻين سيٺا روڊ ريلوي اسٽيشن تي ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو.

بقايا سنڌيار 41

بشير راڄپر، پروفيسر اعجاز جمالي، ميزبان پرنسيپال محمد عتيق سومرو شميمه ابڙو، عابد سڪندر ڪوڪر، سرفراز احمد، در محمد سومرو، پروفيسر نذير سومرو، عاشق علي لغاري ۽ ٻيا موجود هئا. ڪتابي ميلي ۾ گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج نئون ديرو جي شاگردن کان سواءِ مختلف اسڪول، ڪاليجن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين شرڪت ڪري ڪتابن جي خريداري ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هنن چيو ته هو ته ڪتابي ميلو لڳڻ سان شاگردن ۾ ڪتاب کي خريد ڪرڻ ۽ پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيندو ۽ اسان کي خوشي آهي ته جنهن مقصد لاءِ هي ڪتابي ميلو لڳايو ويو آهي اسان ان ۾ ڪامياب ٿي رهيا آهيون ۽ شاگردن جو لاڙو ڪتابن طرف تمام گهڻو آهي اڄ جي جديد دور ۾ ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ وارو رجحان گهٽجي ضرور ويو آهي ڇاڪاڻ ته ڪتاب پي ڊي ايف ڪاپي يا انٽرنيٽ ذريعي سمارٽ موبائلن ۾ پڙهيا وڃن ٿا ۽ هن قسم جا ميلا لڳندا رهيا ته شاگردن کي ڪتابن سان دلچسپي پيدا ٿيندي ۽ اها دلچسپي هن وقت نظر اچي رهي آهي. ڪتابي ميلي ۾ ڪتاب خريد ڪرڻ لاءِ موجود شاگردن جو چوڻ هو ته اسان ڪتاب خريد ڪيا آهن ۽ ڪتابي ميلي ۾ سستا ڪتاب خريد ڪيا آهن ۽ هن قسم جا ميلا لڳندا رهندا ته اسان پنهنجا گهربل ڪتاب سستي اگهه تي خريد ڪري فائدو حاصل ڪري سگهنداسين.

بقايا سنڌيار 42

روڪي رڪشه ڊرائيور سومار سمون کان 18 هزار رپيه روڪ رقم ڦر ڪرڻ بعد سندس رڪشه کي ٽوڙي ڪيس پسٽل جا ڪندا هڻي ڪيس سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا، جنهن بعد مقامي ڳوٺاڻن ڦرجي ويل زخمي ڊرائيور سومار سمون کي سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو جتي سندس علاج جاري آهي، جڏهن ته حد جي پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود پوليس ڪا ڪارروائي عمل ۾ آڻي ناهي سگهي.

بقايا سنڌيار 43

نوجوان عورت اقرئ زال مرحوم اي ايس آءِ خالد حسين دل پنهنجي پيرسن امڙ، ڀيڻ ۽ ٻار سان گڏ اچي ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو، احتجاج دوران مبينه لجالت جي ڪوشش، تيزاب هاري قتل ڪرڻ جي واقعي بابت متاثر نوجوان بيواهه عورت اقرئ ٻڌايو آهي ته منهنجي ڏيرن مون سان مڙس جي وفات کان پوءِ تمام گهڻيون زيادتيون ڪيون آهن، هاڻي مون سان لجالت جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن ۾ مون تي تيزاب هاري قتل ڪرڻ جو به واقعو پيش آيو آهي منهنجي رڙين تي ڳوٺاڻن منهنجي جان بچائي آهي ۽ منهنجا ڏيٽر مون کان 4 مهينن جي منهنجي معصوم ٻچڙي زبردستي کسڻ چاهين ٿا ۽ مون کي هاڻي قتل ڪري سگهن ٿا، جنهن جي ڪري اعليٰ اختيارين کان انصاف جي اپيل ڪريان ٿي، احتجاج ۾ شامل متاثر نوجوان بيواهه عورت جي پيرسن امڙ مسمات روزينه، سندس پيرسن ڀيڻ زاهد حسين ۽ ڀاءُ حسام دل ٻڌايو ته اسان جي ڌيءَ سان سندس مڙس مرحوم اي ايس آءِ خالد حسين جي وفات کانپوءِ مسلسل ڏيٽر ظلم زيادتيون ڪري رهيا آهن، هاڻي گذريل ڏينهن سندس لجالت جي ڪوشش ڪرڻ کانپوءِ مٿس تيزاب هاري قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن جي ڪري واقعي ۾ ملوث ڏيٽرن کي فوري طور گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي. هنن ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ اعليٰ اختيارين کان سندن ڌيءَ سان ٿيل واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 44

. خبر موجب ٽنڊو محمد خان شهر ۾ مري ويل جانور جي گوشت جي وڪري ڪرڻ تي پوليس ڪاسائي رحيم بخش عرف رحيمون کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو، گرفتار ڪيل ڪاسائي خلاف سٽي ٿاڻي تي مٺل گوشت وڪرو ڪرڻ جي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ سان گڏ گرفتاري ظاهر ڪئي وئي آهي، گرفتار ڪيل جوابدار کي ريمانڊ لاءِ اڄ عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو، پوليس جو چوڻ آهي ته شهرين جي مليل شڪايت تحت پوليس ڪارروائي ڪري مري ويل ڍڳي جي گوشت کي وڪرو ڪرڻ دوران ڪاسائي کي پوليس گرفتار ڪري ورتو هو. جڏهن ته شهرين جو چوڻ آهي ته ٽنڊو محمد خان ۾ مري ويل جانورن جي وڪري جا ڪيترائي واقعا پيش اچي چڪا آهن پوليس کي اڃان به وڌيڪ ڪارروائي ڪري مري ويل جانور جي گوشت وڪرو ڪندڙ ڪاسائين خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن مري ويل جانور جي گوشت جي کائڻ سان شهري بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ کان بچي سگهن.

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر لاڙڪاڻو ڊرينيج ڊويزن لاڙڪاڻو

فون نمبر: 074_9410081.
اي ميل : xenldddivlrk@gmail.com
Dated: 04_03_2024
NO.TC/G_55/541

ٽينڊر/آڇون گهرائجن ٿيون

لاڙڪاڻو ڊرينيج ڊويزن لاڙڪاڻو پاران ايس پي پي رولز 2010 (تازو ٿيل ترميم) تحت پي اي سي کان ADP اسڪيمز تحت هيٺ ڄاڻايل ڪمن لاءِ ايپروپرائيٽ ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ ٿيل ۽ حڪومت کان منظور ٿيل دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن /فرمن کان ڪمپوزٽ شيڊيول آف ريٽس (سي ايس آر) ۽ مارڪيٽ ايٽم ريٽ جي بنيادن تحت سنگل اسٽيج _ ٽو انولپ واري طريقيڪار مطابق (ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل واڪ الڳ الڳ لفافن ۾) مطابق مهر بند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

نمبر	ڪم جو نالو	ڪٿيل لاڳت	مقرر ٿيل رقم جو 5% سوڪي رقم	ٽينڊر في	مدت تڪميل
1	12 عدد پمپس ايٽ لاڙڪاڻو سائوٽ (مشوري) پمپنگ اسٽيشن لاءِ سولر انرجي سسٽم جي انسٽاليشن (ADP No: 1665 of 2023-24)	165.584 (ملين)	مقرر ٿيل رقم جو 5% سوڪي رقم	3000	18 مهينا
2	پاڻي جي نالي ساڻ SKT برانچ ڊرين ايٽ RD 11 جي تعمير (ADP No. 1681 of 2023-24)	10.420 (ملين)	مقرر ٿيل رقم جو 5% سوڪي رقم	3000	06 مهينا

اهليت:

1. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل کان رجسٽريشن (پي اي سي ويلڊيٽي جون 2022 تائين) ڪيٽيگري سي_3 يا ان کان مٿي (اسپيشلائيزيشن (سي اي_01، سي اي_02، سي اي_04، سي اي_10، ايم اي_05، ايم اي_07، اي اي 04، اي اي 05، اي اي 11.
2. واڪن جا ڪاغذ دلچسپي رکندڙ هيٺ ڄاڻايل گهرجون پوريون ڪندڙ آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر لاڙڪاڻو ڊرينيج ڊويزن لڳ ناڪو نمبر: 07 وٽان لکت ۾ درخواست سان گڏ ٽينڊر في (ناقابل واپسي) _/3000 رپيا شامل ڪري حاصل ڪري سگهجن ٿا يا اهي ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ (www.pprasindh.gov.pk) تان ڊائون لوڊ ڪري، جمع ڪرائڻ وقت تجويز ڪيل رقم بئنڪ ڊرافٽ وسيلي شامل ڪرڻ گهرجي.
3. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (پي اي سي) کان سال 2022 لاءِ سي_06 يا ان کان مٿي ساڻ اسپيشلائيزيشن ڪوڊز ڪوڊز (سي اي 01، سي اي 02، سي اي 04، سي اي 10، ايم اي 05، ايم اي 07، اي اي 04، اي اي 05، اي اي 11 ۾ ويلڊ رجسٽريشن هئڻ گهرجي.
اي) انڪم ٽيڪس ۽ جي ايس ٽي اف بي آر کان، ۽ ايس آر بي ۾ تجديد ٿيل رجسٽريشن.
بي) اليڪٽرڪ انسپيڪٽر کان تجديد ٿيل اليڪٽرڪ لائيسنس.
4. **گهربل ڪاغذن جي مينڊيٽري (واڌارو ڪاغذ، جيئن ٽينڊر ڪاغذن ۾ ڄاڻايل آهن)**
a) ڪمپني جو پروفائيل، نالو، ان جو اسٽيٽس (ان ڪارپوريشن جي تاريخ)، ۽ مالڪ جي سي اين آءِ سي جي ڪاپي، ايڊريس، ٽيليفون نمبر ۽ گهٽ ۾ گهٽ 03 سالن جو تجربو ساڻ ان جو ثبوت.
b) جنرل ۽ ڪمن جي تفصيلن بابت تجربو (ڪيٽيگري جي ڪم لاءِ) گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن جو تجربو ساڻ رپيا 200 ملين يا ان کان مٿي واري لاڳت جي ڪم جو يا قبوليت/ڪم جي ليٽر آرڊر ۽ تڪميل شده سرٽيفڪيٽ.
c) اين ٽي اين ۽ ايس آر بي سرٽيفڪيٽ جي ڪاپي.
d) سمورن واڪن سان گڏ ٽوٽل لاڳت جي رقم جو 5 سيڪڙو واڪ جي سيڪيورٽي ڪنهن به شيڊيولڊ بئنڪ مان بحق ايگزيڪيوٽو انجنيئر لاڙڪاڻو ڊرينيج ڊويزن لاڙڪاڻو جي نالي سان تيار ڪرائي، ٽيڪنيڪل واڪن جي لفافي ۾ ضرور شامل ڪرڻ گهرجي.
e) موجود ڪمن جو لوڊ/ورڪ آرڊر ساڻ هلندڙ ڪمن جو تفصيل ۽ تڪميل شده ڪمن جي لسٽ (تڪميل شده سرٽيفڪيٽ شامل ڪرڻ گهرجي) يا ساڳئي نوعيت ۽ ڪوانٽم تحت گذريل ٽن سالن دوران (گهٽ ۾ گهٽ 3 ڪنٽريڪٽ).
f) مالي حيثيت بابت سرٽيفڪيٽ، گذريل ٽن سالن دوران بئنڪ اسٽيٽمينٽ.
g) گذريل ٽن سالن دوران _/250 ملين يا ان کان مٿي آڊٽ رپورٽ ۾ ظاهر ٿيل سالياني ايوريج ٽرن اوور.
h) اهڙو قسم نامو ته درخواست گذار ڪنهن به پروڪيورنگ ايجنسي، حڪومت يا سيمي گورنمينٽ کاتن، خودمختيار ادارن ۽ سيمي_خودمختيار ادارن کان بليڪ لسٽ ناهي ٿيل.
i) _/100 رپين جي دستاويز تي اهڙو قسم نامو مهيا ڪرڻ گهرجي ته بڊنگ فرم ڪنهن به اداري، گورنمينٽ کاتي، يا پرائيويٽ ادارن ۾ هاڻي يا ماضي ۾ ڪنهن به قانوني ڄاره جوئي وارلسٽ ۾ موجود ناهي. جيڪڏهن قانوني ڄاره جوئي ۾ ملوث ناهي ته اهڙو ڇپيل دستاويز شامل ڪرڻ گهرجي.
j) آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر لاڙڪاڻو ڊرينيج ڊويزن لاڙڪاڻو کان جاري ٿيل/خريد ڪيل اصلي ٽينڊر ڪاغذن جمع ڪرائڻ گهرجن. جنهن ڪي پري ان تي صحيح ڪري مهر لڳائي جمع ڪرائڻ گهرجي. (ساڻ هڪڙي ڪاپي).
k) فرم سان لاڳاپيل ٻي ڪابه معلومات سندس قابليت تحت جمع ڪرائڻ گهرجي.
l) ٽينڊر فارم وصول ڪندڙ فرد کي فرم پاران جاري ٿيل اٿارٽي ليٽر، جنهن ۾ نالو عهدو ۽ سي اين آءِ سي نمبر شامل هجي، پاڻ سان گڏ آڻڻ گهرجي.
m) واڪن سان گڏ جي. ايس. ٽي ۽ سيلز ٽيڪس ۽ ايس آر بي ٽيڪسز سميت سمورين لاڳو ٿيندڙ ٽيڪسز شامل ڪرڻ گهرجن.
5. فرم /ٺيڪيدار وٽ موجود اوزارن، مشينري ۽ ٽرانسپورٽ بابت تفصيل.
6. اڻ مڪمل، شرطي، اليڪٽرانڪ واڪ، واڪ جي سيڪيورٽي /ڪال ڊپازٽ شامل ڪرڻ کان سواءِ ۽ آخري تاريخ ۽ وقت گذرڻ بعد وصول ٿيل واڪ قبول نه ڪيا ويندا.
7. ڪنهن به واڪ سان ڪٿيل لاڳت جي رقم جو 5 سيڪڙو واڪ جي سيڪيورٽي شامل نه ڪرڻ کان سواءِ ايمپلائر کي غير ذميوار قرار ڏنو ويندو
8. واڪ موجود رهڻ وارين خواهشمند ٺيڪيدارن جي موجودگيءَ ۾ 1500 وڳي ساڳئي ايڊريس تي کوليا ويندا.
9. ڪنهن سبب جي ڪري حڪومت پاران سرڪاري موڪل جي اعلان يا اڻٽر صورتحال جي ڪري ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي جمع ڪيا ۽ کوليا ويندا.
10. نان شيڊيول ايٽمز ۽ ڪيريج ايٽمز تي ڪنهن به ادائيگي جي اجازت نه هوندي.
11. پروڪيورنگ ايجنسي کي ايس پي پي رولز 2010 (تازو ٿيل ترميم) جي لاڳاپيل شق تحت ڪو به يا سمورين آڇون رد ڪري سگهي ٿي.
12. ٺيڪيدار/فرم کي ٽينڊر ڪاغذن ۾ درست موجوده /پوسٽل ايڊريس مڪمل طور تي ڄاڻائڻ گهرجي ۽ ڪوٽ ڪيل ريٽ انگن ۽ اکرن ٻنهي ۾ لکڻ گهرجن.
13. ڪم جي ڪٿيل لاڳت واري رقم جو 5 سيڪڙو گهٽ ۾ گهٽ برابر رقم جي ڪريڊٽ ورٿ نيس جيڪا بئنڪ جي سرٽيفڪيٽ ۾ ظاهر ٿيل هجي، ساڻ بئنڪ اسٽيٽمينٽ هر هڪ سال جي پهرين جولاءِ کان 30 جون تائين هر سال جي الڳ الڳ مهيا ڪرڻ گهرجي گذريل ٽن سالن جي ۽ تازو بئنڪ سرٽيفڪيٽ جنهن ۾ بئلنس ظاهر ٿيل هجي.
14. واڪ جي سيڪيورٽي کان مينر سي دي _آر قبول نه ڪئي ويندي.
15. **واڪ/ٽينڊر ڪاغذ**

- جاري ٿيڻ جي تاريخ: پبليڪيشن واري تاريخ کان وٺي آخري تاريخ 01.04.2024 آفيس وقت دوران.
- جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ، وقت: 02.04.2024 وقت 1:30 وڳي منجهند.
- کلڻ: 02.04.2024 وقت 3:00 وڳي ٽيهري.
- ٻيهر: ٽينڊرن کي موٽ نه ملڻ سبب.
- کلڻ: 23.04.2024 وقت 3:00 وڳي ٽيهري.
- هنڌ: جمع ٿيڻ، کلڻ جو هنڌ آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر لاڙڪاڻو ڊرينيج ڊويزن لڳ ناڪو نمبر: 07 لاڙڪاڻو.
- ميل: xenldddivlrk@gmail.com
- فون نمبر: 074_9410081
- پروڪيورمينٽ جو طريقو:
- سنگل اسٽيج ٽو انولپ (ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل)

صحيح
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
لاڙڪاڻو ڊرينيج ڊويزن
لاڙڪاڻو

INF.KRY.No:638/2024

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ